REG NO. 3833
ABC Certified
روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) آچر 24 ڊسمبر 2023 ع بمطابق 10 جمادي الاثاني 1445ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 208

عمران خان اقتدار جي ٻُک ۾ قوم جي اکين ۾ ڌوڙ وجهڻ لاءِ غلط بيانيو ڏنو: شرجيل ميمڻ

سائفر تمام وڏو ڊرامو هو. اڳوڻي پي ٽي آءِ چيئرمين ڄاڻي واڻي سائفر کي مسئلو بڻايو. جيڪڏهن پي ٽي آئي وارا سمجهن ٿا اهي بيقصور آهن ته عدالت وڃي ثابت ڪن ته هي بيقصور آهن

ڪالهه سائفر ڪيس بابت هڪ اهم فيصلو آيو، فيصلو ڏيندڙ احترام جي لائق آهن. هاڻي فيصلو پبلڪ ٿي چڪو ۽ عوام ان تي راءِ به ڏئي سگهي ٿو

پي ٽي آءِ جي باني ۽ اڳوڻي پرڏيهي وزير سائفر کي سياسي مقصدن لاءِ استعمال ڪيو. اقتدار جي ٻُک ۾ قوم جي اکين ۾ ڌوڙ وجهڻ لاءِ غلط بيانيو ڏنو ويو ته هڪ ملڪ اوهان جي خلاف آهي

لاش رکي پاڪستان کپي جو نعرو لڳائيندڙ ئي وڏا سياستدان آهن. بلاول ڀٽو زرداري پنهنجي امڙ جي شهادت تي "جمهوريت بهترين انتقام آهي" جو نعرو هنيو هو

پ پ چاهي ٿي ته سڀني لاءِ ليول پليئنگ فيلڊ هجي. پ پ جو انتخابي نشان تلوار هو، ڦريو ويو ته اسان جي پارٽي تير جي نشان تي چونڊن ۾ حصو ورتو هو: ڪراچي پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس

ڪراچي (رپورٽر) اڳوڻي صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته سائفر کي غلط طريقي سان استعمال ڪرڻ تي پاڪستان کي تمام گهڻو نقصان ٿيو سائفر تمام وڏو ڊرامو هو اڳوڻي پي ٽي آءِ چيئرمين ڄاڻي واڻي سائفر کي مسئلو بڻايو. ڪراچي پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ڪالهه سائفر ڪيس بابت هڪ اهم فيصلو آيو، فيصلو ڏيندڙ احترام جي لائق آهن. هاڻي فيصلو پبلڪ ٿي چڪو ۽ عوام ان تي راءِ به ڏئي سگهي ٿو. پي ٽي آءِ جي باني ۽ اڳوڻي پرڏيهي وزير سائفر کي سياسي مقصدن لاءِ استعمال ڪيو. اقتدار جي ٻُک ۾ قوم جي اکين ۾ ڌوڙ وجهڻ لاءِ غلط بيانيو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

ڪراچي: اڳوڻو صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

ريٽرننگ آفيسرن جي فيصلن خلاف اپيلن جي ٻڌڻي لاءِ ٽربيونل قائم

ڪراچي (رپورٽر) عام چونڊن جي حوالي سان ريٽرننگ آفيسرن جي فيصلن خلاف اپيلن جي ٻڌڻي لاءِ ٽربيونل قائم ڪيا ويا آهن اپيليٽ ٽربيونل لاءِ سنڌ هاءِ ڪورٽ جا 6 جج نامزد ڪيا ويا آهن، جن ۾ جسٽس ارشاد حسين، جسٽس عدنان ڪريم، جسٽس خادم حسين ڪراچي ۽ حيدرآباد مان اپيلن تي ٻڌڻي ڪندا. ان کان علاوه جسٽس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

کهڙي قيامت ٽٽي پئي جو نَو مئي تي سڄي ملڪ ۾ پيچ ڊاهه ڪئي وئي: نگران وزيراعظم

ڪنهن کي سياسي ميدان مان بي دخل ڪرڻ جي پاليسي حڪومت جي ناهي، جيڪڏهن چونڊ عمل کان ڪنهن کي روڪيو ويو ته جاچ ڪنداسين

سمجهان ٿو ته 9 مئي ۾ ملوث ماڻهن کي عوامي نمائندو نه هجڻ گهرجي ۽ اهو به نٿو سمجهان ته سڄي تحريڪ انصاف کي 9 مئي سان جوڙيو وڃي

ليول پليئنگ فيلڊ بابت شڪايتون اينديون ته ڏسنداسين، ڪنهن کي سياسي ميدان کان بي دخل ڪرڻ جي حڪومت جي پاليسي ناهي

ڪنهن کي چونڊ عمل کان روڪيو ويو ته جاچ ڪنداسين ۽ ان حوالي سان اليڪشن ڪميشن سان به ڳالهائينداسين

مان پارٽي طور 2013 ۽ 2018 ع ۾ پي ٽي آءِ کي ووٽ ڏنو ۽ مون کي ان تي ڪا شرمندگي ناهي، مان هڪ دور کان پي ٽي آءِ جو دفاع ڪيو: نجي ٽي وي چئنل کي ڏنل انٽرويو ۾ اظهار

اسلام آباد (م ڊ) نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ چيو آهي ته ڪنهن کي سياسي ميدان مان بي دخل ڪرڻ جي پاليسي حڪومت جي ناهي، جيڪڏهن چونڊ عمل کان ڪنهن کي روڪيو ويو ته جاچ ڪنداسين. نجي ٽي وي چئنل کي انٽرويو ۾ انوار الحق ڪاڪڙ چيو ته پي ٽي آءِ باني سان ڪجهه مختلف نه ٿيڻ وارو هو اهڙي کهڙي قيامت ٽٽي پئي جو نو مئي تي سڄي ملڪ ۾ پيچ ڊاهه ڪئي وئي. هن چيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

اسلام آباد: نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ نجي ٽي وي چئنل سان ڳالهائيندي

عمران خان چونڊن ۾ حصو وٺڻ لاءِ سپريم ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪري ڇڏي

چونڊن کان اڳ مون کي نااهل ڪرڻ منهنجي بنيادي حقن جي ڀڃڪڙي آهي: درخواست جو متن

اليڪشن ڪميشن فيصلي ۾ تڪڙ جو مظاهرو ڪندي مون کي 8 آگسٽ تي آرٽيڪل 62 ون ايف تحت پنج سالن جي لاءِ نااهل قرار ڏنو: عمران خان

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جو فيصلو ڪالعدم قرار ڏنو وڃي ۽ توشه خانه ڪيس ۾ سزا کي معطل ڪيو وڃي

اسلام آباد (م ڊ) پي ٽي آءِ جي باني عمران خان چونڊن ۾ حصو وٺڻ جي لاءِ سپريم ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪري ڇڏي آهي. عمران خان لطيف کوسه جي حوالي سان اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي فيصلي خلاف سپريم ڪورٽ ۾ اپيل داخل ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

لاڏلي کي معصوم ڇئي پيهر مڙهيو پيو وڃي، هاڻ برداشت نه ڪنداسين: مريم اورنگزيب

جلسي ۾ سائفر لهرائي سيڪريٽ ايڪٽ جون ڌڄيون اڏايون ويون. بند ڪمري ۾ چيو ويو ته سائفر معاملي تي سياست ڪرڻي آهي

ڪاغذ لهرائي عوام کي گمراهه ڪيو ويو. سائفر چوري ڪندڙ کي ملڪ سان غداري جو جواب ڏيڻو پوندو

جنهن شخص آئين جي ڀڃڪڙي ڪرائي ان کي معصوم چيو پيو وڃي. پهريان 2018 ۾ لاڏلو چيو ويو هاڻ معصوم ڇئي ملڪ مٿان مڙهيو پيو وڃي

لاهور (م ڊ) مسلم ليگ (ن) جي اڳواڻ ۽ اڳوڻي وفاقي وزير مريم اورنگزيب چيو آهي ته پهريان 2018 ۾ لاڏلو هاڻ معصوم ڇئي مڙهيو پيو وڃي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

لاهور: مسلم ليگ (ن) جي اڳواڻ مريم اورنگزيب پريس ڪانفرنس ڪري رهي آهي

ڍابيجي ۾ بجلي بريڪ ڊائون، ڪراچي کي پاڻي سپلائي بند

ڍابيجي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ڍابيجي پمپنگ اسٽيشن تي بجلي جي بريڪ ڊائون سبب 72 انچ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

غزه تي اسرائيل جا حملا جاري، ٻن ڏينهن دوران 400 کان وڌيڪ فلسطيني شهيد

اسرائيلي فوج پناهگيرن جي ڪيمپ، رفح، خان يونس ۽ نصيرت ۾ لاڳيتو بمباري ڪئي

اسرائيل فلسطينين کي غزه جي جنهن علائقي مان بي دخل ڪيو اتي به جاڙي واڙي بم ڪيرايا ويا

جنگ ۾ هيٺر تائين 4772 اسرائيلي فوجي مارجي ويا آهن، 139 اسرائيلي فوجي زميني ڪارروائي ۾ دوران مارجي ويا

غزه (م ڊ) اسرائيلي فوج جو غزه شهر تي بمباري جو سلسلو جاري آهي جنهن جتي 400 فلسطينين کي شهيد ڪيو ويو آهي پرڏيهي ميڊيا موجب فلسطين جي صحت واري وزارت ٻڌايو آهي ته گذريل 48 ڪلاڪن دوران اسرائيلي حملن ۾ تقريبن 400 فلسطيني شهيد ۽ 734 زخمي ٿيا آهن. جڏهن ته گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جنگ روڪرائڻ ۾ ناڪام نظر اچي رهي آهي. ميڊيا رپورٽن موجب اسرائيلي فوج پناهگيرن جي ڪيمپ، رفح، خان يونس ۽ نصيرت ۾ لاڳيتو بمباري ڪري رهي آهي. ٻئي طرف آمريڪي ميڊيا موجب اسرائيل غزه جي ڏاکڻي علائقي تي 2 هزار پائونڊ وزني بم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

غزه: اسرائيلي بمباري ۾ تباهه ٿيل عمارت آڏو ريسڪيو اهلڪار بيٺل آهن

آڊيو ليڪ ڪيس: ڊي جي آءِ بي ۽ ڊي جي ايف آءِ اي ذاتي حيثيت ۾ 19 فيبروري تي طلب

اٽارني جنرل ٻڌايو آهي ته وفاقي حڪومت ڪنهن به انٽيليجنس ايجنسي کي ٽيليفون ڪال رڪارڊ ڪرڻ جي اجازت نه ڏني آهي: حڪمنامو

اٽارني جنرل چيو ته سمورن شهرين جي پرائيويسي ۽ حقن جو تحفظ ضروري آهي

آڊيو ليڪس سوشل ميڊيا تي ڪنهن رليز ڪئي، ايف آءِ اي جواب لاءِ مهلت طلب ڪئي

اسلام آباد (م ڊ) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ آڊيو ليڪس ڪيس ۾ ڊي جي انٽيليجنس بيورو (آءِ بي) ۽ ڊي جي ايف آءِ اي کي 19 فيبروري تي ذاتي حيثيت ۾ طلب ڪري ورتو آهي. اڳوڻي چيف جسٽس ثاقب نثار جي پٽ ۽ اڳوڻي وزيراعظم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

پي ٽي آءِ کان صرف چونڊ نشان واپس ورتو ويو آهي، اپيل جي گنجائش موجود آهي: قانوني ماهر

چونڊ ايڪٽ جا 5 سيڪشن وڏا اهم آهن. هر سياسي پارٽي جي ذميواري آهي ته انٽرا پارٽي چونڊون ڪرائي: حافظ احسان

هاڻ 2 رستا آهن هڪ اليڪشن ڪميشن جي گهرجن کي پورو ڪيو وڃي، ٻيو اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ فيصلي کي چيلينج ڪري سگهجي ٿو

اسلام آباد (م ڊ) اليڪشن ڪميشن طرفان پي ٽي آءِ انٽرا پارٽي چونڊن کي ڪالعدم قرار ڏيڻ جي فيصلي تي ماهرن چيو آهي ته صرف چونڊ نشان واپس ورتو ويو آهي. پاڪستان تحريڪ انصاف بطور هڪ پارٽي جي طور تي برقرار رهندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

سينيئر صحافي شهيد جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ حيدرآباد پريس ڪلب آڏو بک هڙتالي ڪيمپ قائم

بک هڙتالي ڪئمپ تي وڪيلن، عورتن، قومپرست پارٽين جي اڳواڻن، پ پ شهيد ڀٽو جي اڳواڻن، فوٽو گرافرن ۽ ڪيمرا مين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

چار مهينا گذرڻ جي باوجود اڃان تائين شهيد جان محمد مهر جي قاتلن کي گرفتار نه ڪيو ويو آهي: خالد کوکر

احتجاجي ڪيمپ ۾ فريد لاکو، اشوڪ شرما، نياز وگهيو، وسيم خان، فاضل چنا، ارشاد چنا ۽ ٻين شرڪت ڪئي

حيدرآباد (رپورٽر) حيدرآباد پريس ڪلب آڏو سکر ۾ قتل ٿيل سينيئر صحافي شهيد جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتار نه ڪرڻ خلاف پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

حيدرآباد: سينيئر صحافي شهيد جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ قلم ڏٺي بک هڙتال تي ويٺل آهن

حيدرآباد: خانه بدوش ڪيفي ۾ پنجن ڏينهن وارو شيخ اياز ميلو جاري، مختلف سيشن منعقد

حيدرآباد (رپورٽر) حيدرآباد ۾ پنجن ڏينهن وارو شيخ اياز ميلو جاري آهي، جنهن ۾ مختلف سيشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

سنڌ هاءِ ڪورٽ غيرقانوني تعمير ٿيندڙ عمارتن کي گيس، بجلي ۽ پاڻي جا ڪنيڪشن نه ڏيڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ غيرقانوني تعمير ٿيل عمارتن کي بجلي، پاڻي ۽ گيس جا ڪنيڪشن ڏيڻ بابت درخواست تي ٻڌڻي ٿي

اسان ڪارروائي ڪرڻ لاءِ ويندا آهيون ته لياري جهڙن علائقن ۾ اسان مٿان حملا ڪيا وڃن ٿا: ڪي اليڪٽرڪ جو وڪيل

ڪراچي (م ڊ) سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪراچي ۾ غيرقانوني طور تي تعمير ٿيندڙ عمارتن کي گيس، بجلي ۽ پاڻي جا ڪنيڪشن نه ڏيڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو آهي. سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ غيرقانوني تعمير ٿيل عمارتن کي بجلي، پاڻي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

پاڪستان آءِ ايم ايف پروگرام تحت سمورا واعدا پورا ڪري رهيو آهي: ناڻي واري وزارت

فنانس ۽ پلاننگ ڊويزن جي رليز حڪمت عملي ۾ ڪا تبديلي ناهي ڪئي وئي

بينظير انڪم سپورٽ پروگرام لاءِ ٽن مهينن جا سمورا فنڊ جاري ڪيا ويا آهن

اسلام آباد (م ڊ) ناڻي واري وزارت فنڊ ۽ پگهارون جاري ڪرڻ جي حوالي سان وضاحت ڪئي آهي ته ان ۾ دير جي خبرن ۾ ڪا صداقت ناهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

پرويز الاهي دل جي تڪليف سبب اڏيالا جيل کان اسپتال منتقل

پرويز الاهي جو جيل اسپتال ۾ معائنو ڪيو ويو

پرويز الاهي گذريل رات دل ۾ تڪليف جي دانهن ڪئي هئي: اختيارين

راولپنڊي (م ڊ) تحريڪ انصاف صدر پرويز الاهي کي دل جي تڪليف سبب اسپتال نير ويو اڏيالا جيل جي اختيارين موجب پرويز الاهي جو جيل اسپتال /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

سنڌ ۾ سيشن ۽ سول ججز جون مقرريون ۽ بدليون

ٽنڊو الهيار جي سول جج ڪنول ۽ ڪاشف ڀٽي ڪراچي جي سينٽرل ۽ ڏکڻ ضلعن ۾ مقرر ڪيا ويا

سڪرنڊ جي ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج حسن علي ڪلوڙ کي دادو ۾ مقرر ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ ۾ 15 ايڊيشنل اينڊ ڊسٽرڪٽ ججز ۽ سينيئر سول ججز جون مقرريون ۽ بدليون ڪيون ويون آهن. ڪراچي ڏکڻ جي سينيئر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

پي ٽي آءِ ڪراچي جي صدر خرم شير زمان جي گهر تي ڇاپو

پوليس گهروارن سان بدتميزي ڪئي: خرم شيرزمان

پوليس اهلڪار سرچ وارنٽ کانسواءِ خرم شيرزمان جي گهر ۾ داخل ٿيا: ترجمان

ڪراچي (رپورٽر) پوليس رات دير سان پي ٽي آءِ ڪراچي جي صدر خرم شير زمان جي گهر تي ڇاپو هنيو، پي ٽي آءِ ترجمان موجب خرم شير زمان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ڪينٽ اسٽيشن تي ٽرين مان مليل بم جو امڪاني هدف سکر هو: پوليس اختيارين

ڪيس ڪينٽ ريلوي اسٽيشن ٿاڻي تي داخل ڪيو ويندو: ڊي آءِ جي ڏکڻ اسد رضا

پشاور کان ڪراچي تائين مختلف اسٽيشنز جا فوٽيج حاصل ڪيا پيا وڃن

ڪراچي (م ڊ) پوليس اختيارين انڪشاف ڪيو آهي ته ڪينٽ اسٽيشن تي ٽرين مان مليل بم جو امڪاني هدف سکر هو ڪراچي ڪينٽ اسٽيشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ڪراچي: خاتون اول بيگم ثمينه عارف علوي تقريب کي خطاب ڪري رهي آهي

زين شاهه جي نياڻي پرهه ايمن شاهه پارلياماني سياست ۾ اچي وئي

پرهه ايمن شاهه عورتن لاءِ مخصوص ايم پي اي جي سيٽ لاءِ نامزدگي فارم جمع ڪرائي ڇڏيا

پرهه ايمن شاهه جو نالو جي ڊي اي جي عورتن جي مخصوص سيٽن واري ترجيحي لسٽ ۾ شامل آهي: ذريعا

ڪراچي (م ڊ) سنڌ ۾ جديد قومپرستي جي باني سائين جي ايم سيد جي گهراڻي مان هڪ وڌيڪ فرد جي پارلياماني سياست ۾ انٽري ڏني آهي سيد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

پارٽي ڪالعدم ٿيندي ته نشان ڪيئن ملندو: ملڪ احمد

سڪرنڊ ڪيس تي سپريم ڪورٽ جو فيصلو شاندار آهي

اسٽيبلشمينٽ کي به ان ڪشمڪش واري معاملي ۾ ڇڪايو ويو

لاهور (م ڊ) مسلم ليگ (ن) جي اڳواڻ ملڪ احمد خان چيو آهي ته جڏهن ڪنهن سياسي پارٽي تي پابندي هوندي ته اليڪشن ڪميشن ان کي نشانو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ايم ڊي ڪيٽ جو نتيجو ٻن سالن لاءِ صحيح قرار

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جسٽس ميان گل حسن اورنگزيب فيصلو جاري ڪيو

درخواستگذار طرفان وڪيل خليق الرحمان سيفي ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي

اسلام آباد (م ڊ) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ نومبر 2022 جي ايم ڊي ڪيٽ جي نتيجن کي ٻن سالن لاءِ صحيح قرار ڏئي ڇڏيو اسلام آباد هاءِ ڪورٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

سنڌ ۾ ڪنوڻ جو اڳواٽ اطلاع ڏيندڙ جديد نظام لڳايو ويندو: موسميات کاتو

ڪراچي ۾ لڳندڙ لائٽننگ ڊيٽيڪٽرز هڪ ئي وقت لانگ ۽ شارٽ رينج رکندڙ هوندو

لائٽننگ ڊيٽيڪٽرز 100 مربع ڪلو ميٽر ۾ ڪنوڻ ڪرڻ جو اڳواٽ اطلاع ڏئي سگهي ٿو

ڪراچي (م ڊ) موسميات کاتي طرفان سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ ڪنوڻ جو اڳواٽ اطلاع ڏيندڙ 6 لائٽننگ ڊيٽيڪٽرز لڳايا ويندا. گذريل مهيني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

غريب عوام کي يوٽيلٽي اسٽورز تي به رليف نه ملي سگهيو: اٽو، کنڊ، گيهه، آئل، چانور مهانگا ٿي ويا

يوٽيلٽي اسٽورز تي 10 ڪلو اٽي جو ٿيلهو 1420، کنڊ 155 روپيه ڪلو وڪرو ٿيڻ لڳا

يوٽيلٽي اسٽورز ۽ مارڪيٽ ۾ پهرين نمبر جي گيهه، آئل جي قيمت ۾ صرف 2 روپين جو فرق ڏٺو ويو

اسلام آباد (م ڊ) غريب عوام کي يوٽيلٽي اسٽورز تي به رليف نه ملي سگهيو اوپن مارڪيٽ جي مقابلي ۾ يوٽيلٽي اسٽورز تي اٽو، کنڊ، گيهه، آئل، چانور مهانگا ٿي ويا. غريب ماڻهن لاءِ يوٽيلٽي اسٽورز تي به خريداري ڪرڻ مشڪل ٿي وئي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

عوام جا مسئلا حل ڪرڻ پ پ جي پهرين ترجيح آهي: سعيد غني

بلاول ڀٽو لياري مان هارايو نه هو پر ڪيس هارايو ويو هو

اسان مڪاني چونڊن ۾ اهي يوسيون به کٽيون، جيڪا اڳ ۾ هارايون هيون

9 مئي تي جيڪو ٿيو، اهو سياسي ماڻهو نٿو ڪري سگهي

ڪراچي (رپورٽر) پ پ ڪراچي ڊويزن جي صدر سعيد غني چيو آهي ته عوام جا مسئلا حل ڪرڻ پ پ جي پهرين ترجيح آهي. بلاول ڀٽو لياري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

ڪراچي: صدر عارف علوي سان نگران وفاقي وزير ڊاڪٽر انيس احمد ملاقات ڪندي

اڳوڻي قومي اسيمبلي ميمبر نور عالم خان جمعيت علماءِ اسلام (ف) ۾ شموليت جو فيصلو ڪري ورتو

پشاور (م ڊ) اڳوڻي قومي اسيمبلي ميمبر نور عالم خان جمعيت علماءِ اسلام (ف) ۾ شموليت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

اليڪشن ڪميشن جي فيصلي سان ڌڪ ٿيو، اسان وٽ پلان بي به موجود آهي: بيرسٽر گوهر

اليڪشن ڪميشن جو فيصلو تمام گهڻو ڪمزور آهي. اهو تڪڙو فيصلو آهي جنهن جي لاءِ اسان عدالت وينداسين

اسان پنهنجن اميدوارن کي عام چونڊن ۾ حصو وٺڻ جي لاءِ نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائڻ جي هدايت ڪئي آهي

پشاور (م ڊ) پي ٽي آءِ اڳواڻ بيرسٽر گوهر چيو آهي ته اليڪشن ڪميشن جي فيصلي سان ڌڪ ٿيو اسان وٽ پلان بي موجود آهي. اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان طرفان پي ٽي آءِ انٽرا پارٽي چونڊن بابت فيصلي جي خلاف تحريڪ انصاف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

ڪنهن پارٽي جو پيچ پڪڙي چونڊ نٿو کٽڻ چاهيان: چوڌري نثار

موجوده حالتن ۾ ڪو معجزو ئي پاڪستان کي بچائي سگهي ٿو

خاطري ٿو ڪرايان ته جيڪڏهن اسيمبلي ۾ پهتس ته ان معجزي ۾ ڪردار ادا ڪندس

مان ووٽ نه ڪردار تي يقين رکان ٿو هتي منهنجون خدمتون سڀني کي نظر اچي رهيون آهن

راولپنڊي (م ڊ) اڳوڻي وفاقي وزير چوڌري نثار چيو آهي ته مان ڪنهن پارٽي جو پيچ پڪڙي نه پر عوام جو هٿ پڪڙي چونڊ کٽڻ چاهيان ٿو. چونڊ جلسي کي خطاب ڪندي چوڌري نثار چيو ته موجوده حالتن ۾ ڪو معجزو ئي پاڪستان کي بچائي سگهي ٿو پر خاطري ٿو ڪرايان ته جيڪڏهن اسيمبلي ۾ پهتس ته ان معجزي ۾ ڪردار ادا ڪندس. هن چيو ته مان ووٽ نه ڪردار تي يقين رکان ٿو. هتي منهنجون خدمتون سڀني کي نظر اچي رهيون آهن. منهنجي خدمت جو نشان هنڌ هنڌ موجود آهي. منهنجي مخالفن رڳو هڪ روڊ ناهيو پر منهنجي دور ۾ هن علائقي ۾ ترقياتي ڪم ٿيا. سنڌس چوڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ڪراچي: چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ جسٽس عقيل عباسي نديم شيخ سان گڏ پنجين قومي لا اسٽوڊنٽس ڪرڪيٽ ليگ ٽورنامينٽ جي وننگ ٽرافي جو افتتاح ڪري رهيو آهي

سي ٽي ڊي جي وڏي ڪارروائي: آءِ ايس آءِ آفيس تي حملي سميت 50 ڄڻن جو قاتل ساٿين سميت مقابلي ۾ مارجي ويو

آپريشن دوران دهشتگرد طرفان مزاحمت ڪئي وئي جنهن دوران فائرنگ جي ڏي وٺ ٿي

مارجي ويل اهم دهشتگرد غضنفر نديم مٿان 50 لک روپيه مقرر ڪئي وئي هئي: ترجمان

دهشتگرد غضنفر ڪيترين ئي دهشتگرد ڪاررواين جو ماسٽر مائينڊ پڻ هو

لاهور (م ڊ) سي ٽي ڊي جي وڏي ڪارروائي دوران فيصل آباد مان آءِ ايس آءِ جي آفيس تي حملي سميت 50 ڄڻن جو قاتل ساٿين سميت مقابلي ۾ مارجي ويو. سي ٽي ڊي ترجمان موجب انٽيليجنس بيسڊ ڪارروائي چنيوٽ جي علائقي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

8 مئي واقعن ۾ روپوش اعظم سواتي نوازشريف جي مقابلي ۾ چونڊ وڙهڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو

نوازشريف اين اي 15 مانسهره مان قومي اسيمبلي جي چونڊ وڙهڻ جي لاءِ نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا آهن: اعظم سواتي

مانسهره جي عوام، مائرون، ڀينرون ۽ پائر مون کي تحريڪ انصاف جي پليٽ فارم تان ڪرائي پنهنجو چٽو پيغام ڏيندا

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي روپوش اڳواڻ سينيٽر اعظم خان سواتي ايندڙ سال 8 فيبروري تي ٿيندڙ چونڊن ۾ مسلم ليگ (ن) جي اڳواڻ نوازشريف جي مقابلي ۾ چونڊ وڙهڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. سينيٽر اعظم خان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ڀارت ۾ اسرائيلي سامونڊي جهاز تي ڊرون حملو

ڊرون حملي سان لڳل باهه کي فوري طور تي وسايو ويو. ڪو به جاني نقصان ناهي ٿيو: برٽش ميريٽائيم سيڪيورٽي فرم ايمبري

باهه وسائڻ لاءِ پاڻي فوري طور تي جهاز تائين پهچايو ويو. حملي کان اڳ ان جهاز جي آخري ڪال سعودي عرب لاءِ هئي

بندرگاهه کان 217 ناٽيڪل ميل پري هڪ مال بردار جهاز ايم وي ڪيم پلوٽو ڏانهن وڃي رهيو هو

ممبئي (م ڊ) ڀارتي سمنڊ جي ڪناري ويجهو اسرائيل سان واسطو رکندڙ هڪ واپاري جهاز تي ڊرون حملو ڪيو ويو آهي. ان حوالي سان جاچ ڪئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

ڪراچي: نگران وفاقي وزير تعليم مدد علي سنڌي ڊائريڪٽر جنرل آغا فخر حسين کي سنڌ فنون ادارتي ۾ بهترين ڪارڪردگي اظهار ڏيڻ تي ايوارڊ ڏيندي

سيف الله ابڙو، صفدر عباسي، بشير ميمڻ سميت مختلف پارٽيز جي اميدوارن جا فارم جمع

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ سميت سموري ملڪ ۾ اميدوارن پاران نامزدگي فارم جمع ڪرائڻ جو سلسلو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ڪنڌڪوٽ جي ڪچي ۾ يرغمالين جي بازيابي لاءِ آپريشن

آپريشن ۾ پوليس جا 800 کان وڌيڪ اسپيشل ڪمانڊوز، اهلڪارن، آفيسرن ۽ 6 بکتربند گاڏين شرڪت ڪئي

پوليس ۽ ڌاڙيلن وچ ۾ مختلف هنڌن تي فائرنگ جو سلسلو جاري آهي: ايس ايس پي

ڪنڌڪوٽ (رپورٽر) ڪنڌڪوٽ ۾ ڪچي واري علائقي مان 12 مغوين جي بازيابي لاءِ آپريشن ڪيو ويو، ايس ايس پي موجب آپريشن ۾ پوليس جا 800 کان وڌيڪ اسپيشل ڪمانڊوز، اهلڪارن، آفيسرن ۽ 6 بکتربند گاڏين شرڪت ڪئي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

ٽنڊو محمد خان ۾ رهاڻ لطيف جي تقريب. شاعري کي پوري دنيا لاءِ انسان دوست تصور جو محور قرار

بلاول گرلس ڪاليج , دارلعلوم هائير سيڪنڊري گرلس اسڪول جي طرفان رهاڻ لطيف تقريب منعقد ٿي

پنهنجي شاعري ۾ تصوف کي شاعري جو مرڪز بڻايو. لطيف جي شاعري سنڌ جي انقلابي شاعري آهي :اڳواڻ

منعقد ڪيل تقريب ۾ ڪاليج اسڪول جي شاگردياڻين کي سندن تعليمي قابليت تي شيلڊس , سرٽيفڪيٽ پڻ ڏنا ويا

ٽنڊو محمد خان(رپورٽر) ٽنڊو محمد خان ۾ رهاڻ لطيف جي تقريب ذريعي شاهه لطيف جي شاعري کي پوري دنيا لاءِ انسان دوست تصور جو محور قرار ڏنو ويو. خبر موجب ٽنڊو محمد خان ۾ مخدوم بلاول گرلس ڪاليج , دارلعلوم هائير سيڪنڊري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ٽنڊو محمد خان ۾ رهاڻ لطيف جي تقريب. جوڙيڪ

بدين ۾ ٻن تڪن تي
نامينيشن فارم وٺڻ ۽ جمع
ڪرائڻ جو سلسلو جاري

بدين(رپورٽ مرتضي ميمڻ) ايندڙ سال جي مهيني فيبروري جي آٺين تاريخ تي ملڪ ۾ عام چونڊن جو اليڪشن ڪميشن طرفان شيڊول اعلان ٿيڻ کانپوءِ ملڪ جي مختلف سياسي پارٽين جي ڪي ٽڪيٽن لاءِ درخواستون ڏيندڙ اميدوارن طرفان نامينيشن فارم وٺڻ ۽ جمع ڪرائڻ جو سلسلو جاري آهي بدين ضلع جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

ٽنڊو محمد خان جي گورنمينٽ گرلس پرائمري اسڪول شوڪت ڪالوني ۾ ثقافتي تقريب

تقريب دوران شاگردياڻين مختلف قومي گيتن تي جهمريون پاتيون ۽ ثقافتي رنگن کي اجاگر ڪيو

اسان خوشنصيب آهيون جو اسان ايڏي وڏي شاهوڪار ثقافت تهذيب جا مالڪ آهيون: ميڊم عروج

ٽنڊو محمد خان(رپورٽر) ٽنڊو محمد خان جي گورنمينٽ گرلس پرائمري اسڪول شوڪت ڪالوني ۾ ثقافتي حوالي سان تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ شاگردياڻين مختلف قومي گيتن تي جهمريون پاتيون ۽ ثقافتي رنگن کي اجاگر ڪندي ثقافتي لباس سان ٽيبلوز ۽ خاڪا پيش ڪيا . ان موقعي تي اسڪول هيڊمسٽريس ميڊم عروج ۽ ٻين سينئر استاديائين تقريب کي خطاب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ٽنڊو محمد خان جي اين اي 221 ۽ صوبائي تڪن تي فارم جمع ڪرائڻ وارو سلسلو جاري

پي ايس 67 تي عام چونڊن ۾ حصو وٺڻ لاءِ اميدوارن پاران پنهنجا پنهنجا ڪاغذ نامزدگي جمع ڪرايا

جي ڊي اي جي اميدوارن مير سجاد علي ٽالپر , مير علي نواز ٽالپر , مير علي حيدر ٽالپر ۽ ٻين پاران شموليت

جي يو آئي (ف) , جي اڳواڻ محمد ابراهيم سومرو به پنهنجو نامزدگي فارم جمع اسسٽنٽ ڪمشنر وٽ جمع ڪرايو

ٽنڊو محمد خان (رپورٽر) ٽنڊو محمد خان جي قومي تڪ اين اي 221 , صوبائي تڪ پي ايس 66 ۽ صوبائي تڪ پي ايس 67 تي عام چونڊن ۾ حصو وٺڻ لاءِ اميدوارن پاران پنهنجا پنهنجا نامزدگي فارم جمع ڪرائڻ وارو سلسلو جاري اين اي 221 تي پ پ اڳواڻ سيد نويد قمر پنهنجي نامزدگي جا فارم جمع ڪرائي ڇڏيا آهن . صوبائي تڪن تي پڻ پ پ جي اميدوار سيد اعجاز /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ٽنڊو محمد خان جي اين اي 221 ۽ صوبائي تڪن تي فارم جمع ڪرائڻ وارو سلسلو جاري آهي

ٽڪراٽو ويجهو مبارڪپور لنڪ
روڊ تي مهتم برادري جي ماڻهن
پاران احتجاجي مظاهرو

ٽڪراٽو(ن سنڌيار) ٽڪراٽو ويجهو مبارڪپور لنڪ روڊ تي مهتم برادري جي ماڻهن پاران بااثرن جي مبينا زيادتين ۽ ڪاٽي واري زمين تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري وس وارن کان تحفظ فراهم ڪري انصاف جو مطالبو ڪيو آهي رپورٽ موجب ٽڪراٽو ويجهو مهتم برادري جي ماڻهن پاران بااثرن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

سي پي ڊي آئي بجيٽ جي شفافيت جي صورتحال بابت سالياني رپورٽ جاري ڪري ڇڏي

رپورٽ ۾ وفاقي ۽ صوبائي سطح تي بجيٽ سازي جي عمل ۾ خامين جي نشاندهي ڪئي وئي

حڪومتي ادارن ۽ اهم اسٽيڪ هولڊرن سان وڏي پيماني تي خيالن جي ڏي وٺ جو مطالبو ڪيو ويو

پليٽ فارم کي بجيٽ جي مشڪل تفصيل ان انداز ۾ پيش ڪرڻ لاءِ ترتيب ڏنو وڃي: تاج رند ۽ ٻيا

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) سي پي ڊي آئي "پاڪستان ۾ بجيٽ جي شفافيت جي صورتحال, بين الاقوامي بهترين طرز عمل" تي جوڙيل سالياني رپورٽ جاري ڪري ڇڏي, رپورٽ ۾ وفاقي ۽ صوبائي سطح تي بجيٽ سازي جي عمل ۾ خامين جي نشاندهي ڪئي وئي آهي ۽ بجيٽ تجويزن تي شهري گروپن, حڪومتي ادارن ۽ اهم اسٽيڪ هولڊرن سان وڏي پيماني تي خيالن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

نوشهروفيروز ۾ بلوچ لانگ مارچ تي اسلام آباد پوليس جبر جي خلاف احتجاج

يڪجهتي اظهار لاءِ نوشهروفيروز پريس ڪلب اڳيان پرامن ڪئيمپ قائم ڪئي وئي

زينب پيرزادو - شبانه پيرزادو - حق نواز راڄپر - خالد راڄپر - نويد راڄپر - زاهد حسين احتجاج ڪيو

عورتن ۽ ٻارڙن مظاهري تي پوليس پاران طاقت استعمال جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪجي ٿي :رهواسي

نوشهروفيروز(رپورٽر: اسد علي عمراڻي) نوشهروفيروز ۾ بلوچ لانگ مارچ تي اسلام آباد پوليس جبر جي خلاف ۽ جاري لانگ مارچ سان يڪجهتي اظهار لاءِ نوشهروفيروز پريس ڪلب اڳيان پرامن ڪئيمپ قائم ڪئي وئي جنهن جي اڳواڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

نوشهروفيروز ۾ بلوچ لانگ مارچ تي اسلام آباد پوليس جبر جي خلاف احتجاج ڪيو ويو

ڊسٽرڪٽ بار ايسو
سيئيشن بدين جون ساليانو
چونڊون ٿي گذريون

بدين(رپورٽ مرتضي ميمڻ) ڊسٽرڪٽ بار ايسو سيئيشن بدين جون ساليانو چونڊون ٿي گذريون جنهن ۾ پروفيشنل لايرس گروپ ۽ فريندس لاير گروپ وچ ۾ مقابلو ٿيو جنهن ۾ پروفيشنل لايرس گروپ جو صدارتي اميدوار رياض مصطفي 81 ووٽ کڻي ڪامياب ٿي ويو جڏهن ته سندس مدمقابل صدر جي اميدوار محمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

شهدادڪوٽ ۾ پي پي شهيد ڀٽو ڪارڪنن اسلام آباد ۾ تشدد خلاف احتجاجي مظاهرو

ذوالفقار مگسي، فيض بروهي، مشتاق بروهي ۽ ٻين شهيد ڀٽو آفيس کان ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو

ڪارڊ ۽ پارٽي جا جهنڊا کڻي ڪوٽو موٽو چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هڻي نعريبازي ڪئي

تربت کان ماه رنگ بلوچ جي اڳواڻي ۾ نڪتل مارچ جي رستا روڪ جي مذمت جوڳو عمل آهي :مظاهرين

شهدادڪوٽ(رپورٽر) شهدادڪوٽ ۾ پي پي شهيد ڀٽو ڪارڪنن اسلام آباد ۾ بلوچ مظاهرين مٿان پوليس جي لاٺي چارج, تشدد ۽ گرفتارين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو, مظاهرين ذوالفقار مگسي, فيض بروهي, مشتاق بروهي ۽ ٻين شهيد ڀٽو آفيس کان هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ پارٽي جا جهنڊا کڻي ڪوٽو موٽو چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

دڙو ۾ سنڌي ادبي سنگت طرفان دڙو، ٻيلو روڊ سميت بدامني ۽ ڦرن جي وارداتن خلاف احتجاج

ٻيلو روڊ ۽ ڀرپاسي جي مختلف علائقن ۾ بدامني جو آزار گهٽجي نه سگهيو آهي: مظاهرين جو الزام

سماجي، مذهبي شهرين ۽ واپاري تنظيمن جي اڳواڻن يوسف سنڌي، رشيد آزاد سومرو ۽ ٻين شرڪت ڪئي

جوابدار گرفتار ٿي نه سگهيا آهن, ڦرن ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري بيچيني ختم ڪئي وڃي :مظاهرين

دڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) دڙو ۾ سنڌي ادبي سنگت طرفان دڙو، ٻيلو روڊ سميت بدامني ۽ ڦرن جي وارداتن خلاف زبردست احتجاجي ريلي, مظاهرو, پوليس انتظاميا خلاف نعريبازي, تفصيل موجب دڙو, ٻيلو روڊ ۽ ڀرپاسي جي مختلف علائقن ۾ بدامني جو آزار گهٽجي نه سگهيو, ڦرون روز جو معمول بڻيل, هزارين رهواسي عدم تحفظ جو شڪار آهن دڙو ۾ سنڌي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

دڙو ۾ سنڌي ادبي سنگت طرفان دڙو، ٻيلو روڊ سميت بدامني ۽ ڦرن جي وارداتن خلاف احتجاج ڪيو ويو

ميهڙ ۾ سماجي تنظيم بستي
پاران ايل ٽاپ ٽريننگ سينٽر ۾
ايڪتا ثقافتي ڏهاڙو تقريب

ميهڙ(رپورٽر) ميهڙ ۾ سماجي تنظيم بستي پاران ميهڙ جي حاصل ڪوسو ۾ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي سهڪار سان هلندڙ ايل ٽاپ ٽريننگ سينٽر ۾ ايڪتا ثقافتي ڏهاڙو ملهايو ويو تقريب ۾ سماجي تنظيم جي اڳواڻ ميڊم شهرت خاتون , رضوانه فاطمه , تعليم ڪاتي جي سپروائيزر بدرالدين ٽنيو , نادر ڪوسو سميت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

سرحد کان ڄام محمد علي لکڻ ويندڙ روڊ جو ڪم رولڙي جو شڪار، ٺيڪيدار پٺروچائي گم

روڊ جو ڪم رولڙي جو شڪار، ٺيڪيدار پٺروچائي گم ٿي ويو، علائقي واسي پريشاني جو شڪار

جمن ملڪ، ارشاد لکڻ، غلام رسول سولنگي، عبدالحميد لکڻ، محبوب ملڪ جي اڳواڻي ۾ مظاهرو ڪيو

روڊ تي سفر دوران دز ۽ مٽي لڳڻ سبب ڪيترائي ماڻهون ساهه جي تڪليف ۾ مبتلا ٿي ويا آهن:مظاهرين

سرحد(رپورٽرغلام عباس مهر) سرحد کان ڄام محمد علي لکڻ ويندڙ روڊ جو ڪم رولڙي جو شڪار, ٺيڪيدار پٺروچائي گم ٿي ويو, علائقي واسي پريشان, سياسي سماجي ڌرين جو احتجاج, روڊ جي تعمير جلد ڪرائڻ جو مطالبو, خبرموجب سرحد کان ڪچي طرف ويندڙ ۽ ڪيترن ئي ڳوٺن کي سرحد سان ملائيندڙ روڊ جو تعميراتي ڪم رولڙي جو شڪار ٿي ويو آهي روڊ جو ٺيڪيدار مهينو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

سکر پريس ڪلب جي اليڪشن 2024 لاءِ جرنلسٽس پينل پاران حصو وٺڻ جو اعلان

لالا اسد پٺاڻ، سکر پريس ڪلب جي صدر لاءِ آصف ظهير خان لوڌي ۽ ٻين جو اعلان ڪري ڇڏيو

جنرل سيڪريٽري جي عهدي لاءِ شوڪت نوناري، شهزاد تاباني، خزانچي لالا شهباز خان پٺاڻ فائنل

سکر (بيورو رپورٽ) سکر پريس ڪلب جي سالياني اليڪشن 2024 لاءِ جرنلسٽس پينل پاران اميدوارن جي نالن جو اعلان ڪيو ويو آهي. جرنلسٽس پينل جي سربراه لالا اسد پٺاڻ, سکر پريس ڪلب جي صدر لاءِ آصف ظهير خان لوڌي, سکر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

سکر ۾ مختلف اميدوارن پاران نامزدگي فارم جمع ڪرائڻ جو سلسلو جاري

اين اي 200 تي آغا ايوب شاهه, مفتي سعود افضل هاليجوي نامزدگي فارم جمع ڪرايا

پي ايس 24 سٽي سکر مفتي سعود افضل هاليجوي مولانا عبدالحميد مهر فارم جمع ڪرايا

سکر(رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) سکر ۾ مختلف اميدوارن پاران نامزدگي فارم جمع ڪرائڻ جو سلسلو جاري ان سلسلي ۾ سکر جي اين اي 200 تي آغا ايوب شاهه, مفتي سعود افضل هاليجوي نامزدگي فارم جمع ڪرايا اين اي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

سکر ۾ مختلف اميدوارن پاران نامزدگي فارم جمع ڪرائڻ جو سلسلو جاري. اڳواڻ صحافين سان ڳالهائيندي

دادو ۾ قربان ڪلب پاران 41 هون آل پاڪستان قربان شوٽنگ والي بال ٽورنامينٽ شروع

ٽورنامينٽ سڪندر گهلو ۽ مرحوم غلام مصطفيٰ زنئور جي ياد ۾ ڪرائي پئي وڃي :منتظمين

ٽورنامينٽ جي پهرين ڏينهن قربان ڪلب دادو ۽ پنوعاقل جي ٽيم ۾ سخت مقابلو ٿيو شهري شريڪ

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ قربان ڪلب پاران 41 هون آل پاڪستان قربان شوٽنگ والي بال ٽورنامينٽ 3 روزا ٽورنامينٽ جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

شهدادڪوٽ ۾ عام چونڊن ۾ نامزدگي فارم وصول ڪرڻ ۽ جمع ڪرائڻ جو سلسلو جاري

اين اي 196 تي بلاول ڀٽو زرداري جو فارم وصول ڪرڻ کانپوءِ 44 فارم وصول ڪيا ويا آهن

پارٽي جي حڪم تي شهدادڪوٽ جي قومي تڪ تي نامزدگي فارم جمع ڪرايا آهن: خورشيد احمد

شهدادڪوٽ (د.ر) شهدادڪوٽ ۾ پي پي اڳواڻ خورشيد احمد جوڻيجو قومي تڪ 196 ۽ صوبائي تڪ پي ايس 14 تي نامزدگي فارم جمع ڪرائي ڇڏيا, پ پ اڳواڻ خورشيد احمد جوڻيجو پيپلز پارٽي جي وڏي انگ سان گڏ قافلي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ناروشاهه پرسان ڳوٺ ڀانهون خان تيونڙو واسين جو ڳوٺ جي بااثرن خلاف احتجاج

ڳوٺ ڀانهون خان تيونڙو واسي پورهتن عمران تيونڙو افضل تيونڙو احتجاجي مظاهرو ڪيو

بااثرن بنا جواز اسانجي گهرن تي حملو ڪري عورتن ۽ ٻارڙن مٿان تشدد ڪيو آهي : مظاهرين

ناروشاهه (رپورٽر) ناروشاهه پرسان ڳوٺ ڀانهون خان تيونڙو واسين جو ڳوٺ جي بااثرن جي ڏاڍاين خلاف احتجاج حملي آور جوابدار گرفتار ڪرڻ جو مطالبو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ناروشاهه پرسان ڳوٺ ڀانهون خان تيونڙو واسين جو ڳوٺ جي بااثرن خلاف احتجاج ڪيو ويو

نگران وڏي وزير جسٽس ڪريم آباد ۾ تعمير هيٺ انڊرپاس جي پيڙهه جو پٿر رکي ڇڏيو

مقبول باقر ڪريم آباد انڊرپاس 1.35 بلين رپين جي لاڳت سان تعمير ٿي رهيو آهي

ان منصوبي مان لکين ماڻهن کي فائدو ٿيندو ۽ ٽريفڪ جي رواني به بهتر ٿيندي: مقبول باقر

ڪراچي (رپورٽر)سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر ڪريم آباد ۾ تعمير هيٺ انڊر پاس جي پيڙهه جو پٿر رکي ڇڏيو. ڪريم آباد انڊر پاس 1.35 بلين رپين جي لاڳت سان تعمير ٿي رهيو آهي, جڏهن ته هن جي ديگهه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

جنرل اليڪشن ۾ ڀرپور حصو وٺڻ سنڌ جي ترقي خوشحالي لاءِ اڳتي قدم آهي : قادر مگسي

سنڌ کي تباهه برباد ڪندڙ پيپلزپارٽي جي سنڌ دشمن سازش کي نست نابوت ڪرڻو پوندو

روڊ رستا زبون حالت جو شڪار آهن , تعليم جي حالت تباهي جي ڪناري تي پهچائي وئي

ٽنڊو محمد خان(رپورٽر) سنڌ ترقي پسند پارٽي جي سربراه ڊاڪٽر قادر مگسي چيو آهي ته سنڌ جي سمورن ضلعن ۾ قومي قيادت جي جنرل اليڪشن ۾ ڀرپور حصو وٺڻ سنڌ جي ترقي خوشحالي لاءِ اڳتي قدم آهي اهڙو اظهار هن ٽنڊو محمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان سيد سليم شاهه جي هدايت تي ڪارروايون, منشيات فروش سوڳها

چيڪنگ دوران حيدرآباد بدين روڊ تي ملاڪاتيار باءِ پاس وٽان ڪاروائي دوران گرفتاريون ڪيون ويون

گرفتار منشيات فروش جو ساٿي ملزم فدا ولد عبدالڪريم چانگ وٽان منشيات هٿ ڪئي وئي آهي :پوليس

ٽنڊو محمد خان(رپورٽر) ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان سيد سليم شاهه جي هدايت تي ايس ايڇ او بي سيڪشن جي بهترين ڪاروائي ايس ايڇ او بي سيڪشن ڪاروائي ڪندي خفيا اطلاع تي چيڪنگ دوران حيدرآباد بدين روڊ تي ملاڪاتيار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

شهدادڪوٽ ۾ ٽرڪ ۽ موٽر سائيڪل جي حادثي ۾ شاگرد فوت, ڊرائيور فرار

شهرجي لاڙڪاڻي ويگن اسٽينڊ وٽ ٽرڪ موٽرسائيڪل سوار کي چيڀاٽجي ڇڏيو

10 ڪلاس جو شاگرد شاگرد ٻهرام واسي خالد پتوجو چيڀاٽجي فوت ٿي ويو, گهر ۾ ڪهرام

شهدادڪوٽ(د. ر) شهدادڪوٽ ۾ ٽرڪ ۽ موٽر سائيڪل جي حادثي ۾ شاگرد فوت ٽرڪ ڊرائيور فرار, شهدادڪوٽ شهر جي لاڙڪاڻي ويگن اسٽينڊ وٽ ٽرڪ موٽرسائيڪل سوار کي چيڀاٽجي ڇڏيو نتيجي ۾ 10 ڪلاس جو شاگرد شاگرد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ٽنڊو محمد خان جي هڪ قومي اين اي 221 , صوبائي تڪ پي ايس 66 تي فارم جمع ڪرايا ويا

ڊاڪٽر قادر مگسي , مير علي نواز ٽالپر, اعجاز شاهه بخاري , خرم ڪريم سومرو ۽ ٻيا اميدوارن ۾ شامل

اعجاز حسين شاهه بخاري , جي ڊي اي جي مير علي نواز ٽالپر, مير حيدر ٽالپر ۽ ٻين پاران فارم جمع ڪرايا ويا

ٽنڊو محمد خان(رپورٽر) ٽنڊو محمد خان جي هڪ قومي اين اي 221 , صوبائي تڪ پي ايس 66 , صوبائي تڪ پي ايس 67 تي 24 اميدوارن پنهنجي نامزدگي جا فارم جمع ڪرائي ڇڏيا , ڊاڪٽر قادر مگسي , مير علي نواز ٽالپر , اعجاز شاهه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

سکر ۾ 12 ورهين جي نياڻي جي زبرستي شادي ڪرائيندڙ جويا برادري جي بااثرن خلاف احتجاج

جويا برادري جي متاثر خاندان احتجاج ڪندي مائي سليمان جويو جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

صادق منير ۽ ٻين کي موتمار ڌمڪيون ڏيڻ سان گڏ سميرا کي اغوا ڪرڻ لاءِ ڌمڪائي رهيا آهن:مظاهرين

ايس ايس پي سکر ۽ اعلي اختيارن کي جوابدارن خلاف ڪاروائي ڪرائي انصاف ۽ تحفظ ڏيڻ جي اپيل ڪيون ٿا

سکر(رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) ٻارهن ورهين جي نياڻي جي زبرستي شادي ڪرائيندڙ جويا برادري جي بااثرن جي ڏاڍاين خلاف سکر جي بندروڊ واري حيات مسجد واري علائقي جي رهواسي جويا برادري جي متاثر خاندان احتجاج ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

سکر :متاثر رهواسين جو جويا برادري جي بااثرن خلاف احتجاج ڪيو ويو

ڪراچي ۾ جنرل اليڪشن ۾
اميدوارن طرفان نامزدگي فارم
جمع ڪرڻ وارو سلسلو جاري

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ٿيندڙ جنرل اليڪشن ۾ اميدوارن طرفان نامزدگي فارم جمع ڪرڻ وارو سلسلوجاري اهي ضلعي اوڀر جي اليڪشن ڪمشنر آفيس ۾ رش لڳل مختلف پارٽين جا اميدوار ڪارڪنن جي قافلن سان گڏجي فارم جمع ڪرائڻ لڳا ضلعي اوڀر جي اين اي 235 ۽ صوبائي تڪ پي ايس 98 تي پ پ جماعت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ٺل پريس ڪلب جي چونڊ محمد خالد ميمڻ صدر, اير هاشر سومرو جنرل سيڪريٽري چونڊجي ويا

چونڊ جو اجلاس پريس ڪلب ٺل جي سرپرست اعلي حافظ غلام نبي رند جي نگراني ۾ ٿي گذريو

اليڪشن دوران متفقه راءِ سان صدر محمد خالد ميمڻ, نائب صدر مجيب الرحمان وڳڻ کي چونڊيو ويو

نوشهرو فيروز(رپورٽر:منظور ملڪ) ٺل پريس ڪلب جي چونڊ محمد خالد ميمڻ صدر اير هاشر سومرو جنرل سيڪريٽري چونڊجي ويا. پريس ڪلب ٺل جي سال 2024 جي چونڊ جو اجلاس پريس ڪلب ٺل جي سرپرست اعلي حافظ غلام نبي رند جي نگراني ۾ ٿي گذريو جنهن ۾ متفقه راءِ سان صدر محمد خالد ميمڻ, نائب صدر مجيب الرحمان وڳڻ, جنرل سيڪريٽري اير هاشر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

نئون ديرو ۾ شيڊول جاري ٿيڻ بعد مختلف اڳواڻن پاران فارم جمع ڪرائڻ جو سلسلو جاري

اليڪشن ۾ حصو وٺڻ لاءِ اميدوار پنهنجا فارم جمع ڪرائڻ لاءِ آر او آفيسر رتوديرو پهچي ويا

پيپلز پارٽي جي 5 اميدوارن سابق ايم پي اي محمد علي خان ۽ ٻين محمد انور ٻرڙو فارم ڀرايا

ايڊووڪيٽ محمد بچل منگي, سينئير صحافي وفاءِ سنڌ اخبار جو سرواڻ محمد علي ابڙو شامل

نئون ديرو(رپورٽ شاد محمود ڀٽو) جنرل اليڪشن 2024 لاءِ اليڪشن ڪميشن پاران اليڪشن شيڊول جي جاري ٿيڻ بعد مختلف سياسي پارٽين سميت آزاد طور اليڪشن ۾ حصو وٺڻ لاءِ اميدوار پنهنجا فارم جمع ڪرائڻ لاءِ آر او آفيسر رتوديرو پهچي ويا. پي ايس 10 واري تڪ تي اليڪشن ۾ حصو وٺڻ لاءِ پاڪستان پيپلز پارٽي جي 5 اميدوارن سابق ايم پي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

نئون ديرو ۾ شيڊول جاري ٿيڻ بعد مختلف اڳواڻن پاران فارم جمع ڪرائڻ جو سلسلو جاري آهي

گهوٽڪي ۾ سياسي سرگرميون,
سردار خالد لنڊ ۽ مير شهريار شر
جي گوهر پئلس آمد

خانپورمهر (رپورٽ:آفتاب سال) گهوٽڪي ضلعي ۾ سياسي سرگرميون, سردار خالد لنڊ ۽ مير شهريار شرجي گوهر پئلس خانڳڙهه آمد, سردار علي گوهر خان مهر سان ملاقات, رپورٽ موجب گهوٽڪي ضلعي ۾ ايندڙ عام چونڊن جي سلسلي ۾ سياسي سرگرميون تيز ٿي ويون آهن پي ايس 18 اوباوڙو تڪ جو اميدوار مير شهريار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

سرحد ۾ فيڊرل يونين آف جرنلسٽس, سنڌ ايڪشن ڪميٽي پاران احتجاجي مظاهرو

جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري نه ٿيڻ خلاف ڊي ايڇ ڪيو پريس ڪلب آڏو مظاهرو ڪيو

مڇريل صحافين جي جنرل سيڪريٽري تاج ٽانوري جي اڳواڻي ۾ عوامي هڙتال ڪيمپ لڳائي وئي

تيستائين جدوجهد جاري رکنداسين, مهر کي منطقي انجام تائين پهچايو ويو آهي: لالا اسد پٺاڻ

سرحد (رپورٽرغلام عباس مهر)پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس, سنڌ ايڪشن ڪميٽي ۽ صحافي اڳواڻ لالا اسد پٺاڻ جي سڏ تي گهوٽڪي يونين آف جرنلسٽس پاران شهيد صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري نه ٿيڻ خلاف ڊي ايڇ ڪيو پريس ڪلب ميرپور ماٿيلو آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو صحافين جي جنرل سيڪريٽري تاج ٽانوري جي اڳواڻي ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

سنڌ جي مختلف شهرن مان اغوا ٿيل مغوين جي بازيابي لاءِ سکر ۾ احتجاج جاري

اصغر منگريو سميت سنڌ مان اغوا ٿيل مغوين جي بازيابي لاءِ احتجاج جاري رهيو

سکر پوليس جي مغوين جي بازيابي لاءِ ڪن لاٿار جي انتها تي افسوس جو اظهار ڪيو ويو

بي حسي ۽ پوليس جو خاموش تماشائي ڪردار جدوجهد کي ختم نه ٿو ڪري سگهي :مظاهرين

سکر(رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) سکر پريس ڪلب اڳيان احتجاجي ڪئمپ قائم ڪري سکر مان اغوا ڪيل معصوم نياڻي پريا ڪماري, نوجوان علي اصغر منگريو سميت سنڌ مان اغوا ٿيل مغوين جي بازيابي لاءِ احتجاج 81 ڏينهن به /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

احتجاج
احتجاج
احتجاج

سکر: سنڌ جي مختلف شهرن مان اغوا ٿيل مغوين جي بازيابي لاءِ سکر ۾ احتجاج جاري آهي

ميهڙ 26 ڏينهن اڳ ڦر دوران
مزاحمت تي قتل ٿيل نوجوان جا
جوابدار گرفتار نه ٿيا

ميهڙ(رپورٽر) ميهڙ 26 ڏينهن اڳ ڦر دوران مزاحمت تي قتل ٿيل نوجوان الله ڏنو سوڙ جا قاتل گرفتار ناهن ٿي سگهيا مقتول جا وارث سراپا احتجاج بڻيل آهن قاتل جوابدارن جي گرفتاري لاءِ چوڻين ڏهاڙي به سندس وارث مرد عورتن مقتول جي امڙ مسمات مومل خاتون , ڀيڻ اميران بيگم , والد عبدالمجيد سوڙ ۽ ٻين جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

رتيديري ۾ مهان ڪوي شيخ اياز جي ياد ۾ تقريب: زبردست ڀيٽائون پيش

العباس ادبي منزل” تي شاندار پروگرام : اديبن ۽ شاعرن پاران شرڪت ڪئي وئي

مشتاق بخاري سيد رياض بخاري ساقي ابڙو نديم ٿهيم سيد اختيار شاهه ۽ ٻين جي سرڪت

آڪاش پهوڙ امداد عيساڻي مراد مهيسر حسنين ابڙو مير ارشد مير هالار ابڙو ثقلين عباس ۽ ٻين ڀيٽا ڏني

نئون ديرو(رپورٽ شاد محمود ڀٽو) رتيديري ۾ مهان ڪوي شيخ اياز جي ياد ۾ تقريب: زبردست ڀيٽائون پيش ڪيون ويون مزاحمتي شاعر ساقي ابڙو جي ميزباني ۾ "العباس ادبي منزل" تي شاندار پروگرام : اديبن ۽ شاعرن جي شرڪت شيخ اياز جي تصوير آڏو گلاب جا گل رکي ميڻ بتيون ٻاريون ويون: ساقي ابڙو پاران منظوم ڀيٽا ڏني وئي شاهه لطيف کانپوءِ شيخ اياز سنڌي ٻولي ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

دڙو ۾ زنئور اتحاد ميرپوربٺورو طرفان بدامني خلاف 3 ڪلاڪن تائين ڌرڻو

زنئور اتحاد طرفان بدامني خلاف سزوڪي اسٽاپ تي 3 ڪلاڪن تائين ڌرڻو

عثمان زنئور, جبار زنئور, امداد زنئور ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

رستا غير محفوظ بڻيل آهن, استاد اياز زنئور کان ڦر ڪندڙ جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي

دڙو (ن سنڌيار) دڙو ۾ زنئور اتحاد ميرپوربٺورو طرفان بدامني خلاف 3 ڪلاڪن تائين ڌرڻو ڪراچي, حيدرآباد, ٺٽو روڊ بند, ايس ايڇ او دڙو جي يقين دهاني بعد احتجاج ختم, تفصيل موجب دڙو ۾ زنئور اتحاد طرفان بدامني خلاف سزوڪي اسٽاپ تي 3 ڪلاڪن تائين احتجاجي ڌرڻو هنيو ويو, زنئور اتحاد جي سڏ تي عثمان زنئور, جبار زنئور, امداد زنئور ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

دڙو ۾ زنئور اتحاد ميرپوربٺورو طرفان بدامني خلاف 3 ڪلاڪن تائين ڌرڻو هنيو ويو

سرهاڙي ۾ منشيات جي وڪرو
خلاف ايس ايڇ پاران منشيات
فروشن خلاف ڪارروائي جاري

سرهاڙي(رپورٽر) سرهاڙي ۾ منشيات جي وڪرو خلاف ايس ايڇ پاران منشيات فروشن خلاف ڪاروائين کان پوءِ منشيات فروشن ۾ ٽڙٽلو اچي ويو منشيات فروش قرآن پاڪ جو سهارو وٺي منشيات وڪرو ڪرڻ کان هميشه لاءِ توبه ڪري رهيا ,سرهاڙي شهرجي وارڊ نمبر 6 جو رهواسي نوجوان راشد علي ٽالپر سرهاڙي ٿاڻي تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

سنڌي ادبي سنگت دادو جي پندرهن وار گڏجاڻي, شاعرن پاران غزل ۽ شاعري پيش

رجب آزاد ٻاراڻو نظم ٻڌايو.برج لال بيوس غزل.قاسم پنهور ڪافي.عمران سومرو غزل ٻڌائي

عابد سولنگي غزل ۽ عبدالوهاب چارڻ ثقافتي غزل ۽ صوفي غلام مصطفي خادم فقير ڪافي ٻڌائي

حڪومت طرفان هزارين ايڪڙ زمين غيرواسطيدارن کي 20 سال ليز تي ڏيڻ خلاف قرارداد پاس ڪئي وئي

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) سنڌي ادبي سنگت دادو جي پندرهن وار گڏجاڻي ناليواري شاعر مارو جمالي جي صدارت ۾ ٿي گذري جنهن ۾ رجب آزاد ٻاراڻو نظم ٻڌايو.برج لال بيوس غزل,قاسم پنهور ڪافي,عمران سومرو غزل,تابش بخاري سرائيڪي وائي,سجاد يوسف غزل, مير پنهور گيت, راهب جمالي غزل, عابد سولنگي غزل ۽ عبدالوهاب چارڻ ثقافتي غزل ۽ صوفي غلام /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

روزاني سنڌيار سکر پبلشر سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر:
اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
آچر 24 ڊسمبر 2023ع

اسلام آباد پوليس جو ڊراڪولائي روپ!

اسان 'واٽر پروف' ۽ 'شاڪ پروف' لفظ ٻڌندا رهيا آهيون پر ڪجهه ڏهاڪن کان هڪ نئين لفظ/اصطلاح جو واڌارو ٿي ويو آهي ۽ اهو آهي 'احتجاج پروف'! اهو اصطلاح اسان جي حڪمرانن لاءِ استعمال ٿئي ٿو، جن تي ننڍين ننڍين احتجاجن جو ڪو به اثر نٿو ٿئي ۽ پنهنجي ان رويي سان اهي پاڻ به عوام کي ڪنهن وڏي احتجاج جي ترغيب ڏين ٿا. ۽ جڏهن ڪو اهڙو وڏو احتجاج ٿئي ٿو ته احتجاج ڪندڙن تي بدترين تشدد ڪيو وڃي ٿو. احتجاج ڪندڙن کي گرفتار ڪيو وڃي ٿو. اهڙي ئي مشقِ ستم بلوچ ڪٽنبن جي نياڻين تي به آزمائي وئي. جيڪي جبري گم ڪيل پنهنجن پيارن جي آزاديءَ لاءِ ڊاڪٽر ماهه رنگ بلوچ جي اڳواڻيءَ ۾ اسلام آباد روانا ٿيا ته انهن جي رستي روڪ ڪئي وئي ۽ نيشنل پريس ڪلب اسلام آباد اڳيان پرامن احتجاج ڪرڻ نه ڏنو ويو. رات جي پوئين پهر ڌرڻي واري هنڌ تي هلان ڪري ٽئنٽ پٽيا ويا. عورتن تي تشدد ڪري کين گرفتار ڪري ٿاڻن ۾ واڙيو ويو ۽ آءِ جي اسلام آباد غلط بياني ڪندي بلوچ نياڻين جي ٿاڻن ۾ هجڻ جي ترديد ڪئي. احتجاج ڪندڙن جي گرفتارين خلاف درخواست اسلام آباد هاءِ ڪورٽ، آءِ جي اسلام آباد کي احتجاج ڪندڙن جي گرفتارين ۽ آزاديءَ بابت لکت ۾ رپورٽ ڏيڻ جي هدايت ڪري ڇڏي آهي. صدر مملڪت ۽ وزيراعظم پڻ احتجاج ڪندڙ بلوچ نياڻين سان پوليس جي "غيرمناسب" ورتاءَ تي ڳڻتيءَ جو اظهار ڪيو آهي.

جبري گمشدگين وارو معاملو هونئن ته تمام گهڻو پراڻو آهي پر پرويز مشرف جي دور ۾ ان ۾ تمام گهڻي تيزي آئي آهي ۽ اڃان تائين ايڪسيليٽر تان پير نه هٽايو ويو آهي. توڙي جو جبري ڪنپيل ماڻهن جي حوالي سان ڪيتريون ئي ڪميشنون جڙيون، پر انهن به ان پراڻي مسئلي کي حل نه ڪيو ان سان عالمي سطح تي به اسان جي ملڪ جي بدنامي ٿي رهي آهي. هونئن ته جبري گمشدگين وارو مسئلو سڀني صوبن جو آهي پر بلوچستان جي نوجوانن جو تعداد ٻين صوبن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ آهي. اسان هنن ئي ڪالمن ۾ اهو چوندا رهيا آهيون ته ڪو اهڙين غير قانوني سرگرمين ۾ ملوث آهي ته ان کي عدالتن ۾ پيش ڪيو وڃي، عدالتن کي فيصلو ڪرڻ ڏنو وڃي ۽ الزام هيٺ ايندڙن کي پنهنجي دفاع جو پورو حق ڏنو وڃي. اسان سمجهون ٿا ته بلوچستان جو مسئلو سختيءَ سان حل نه ٿيندو. تشدد سان رياست خلاف ڪاوڙ ويتر وڌندي ۽ بلوچستان جي هن جاگرافيائي ستاءَ سان تعلق جي تند وڌيڪ ڪمزور ٿيندي. بلوچستان کي عوامي سطح تي محبت جو پيغام ڏنو وڃي. ڪاوڙيل گروهن سان ڳالهيون ڪيون وڃن. جڏهن طالبان سان مختلف وقتن تي ڳالهيون ٿينديون رهيون آهن ته بلوچن سان ڇو نٿيون ٿي سگهن؟ شهرين کي پرامن احتجاج کان ڪو به قانون نٿو روڪي، پرچا ڪجي! پاڪستان جي پوليس اڃان به 'گورا صاحب' واري بيٺڪي دور ۾ زنده آهي. اهوئي جبر وارو انداز ۽ اهو ئي ڍڪاءُ. اهوئي ڊراڪولائي روپ! رات جي پوئين پهر جهڙي نموني پوليس احتجاج نياڻين جي تنبن تي هلان ڪري تشدد ڪندي انهن کي گرفتار ڪيو، ان لاءِ لغت جا سمورا ملامتي لفظ ٿورا ۽ اڻپورا محسوس ٿين ٿا. اسان کي اها خبر نه آهي ته پوليس کي ان جي تربيت دوران انساني حقن جي تعليم ڏني وڃي ٿي يا نه پر پوليس جي انداز مان ڪنهن به ريت ان تربيت جو اولڙو نظر نٿو اچي.

جبري گمشدگين وارو معاملو انتهائي گنڀير ٿيندو وڃي، جنهن ڏانهن سنجيدگيءَ سان ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي. عدالتون به ان معاملي ۾ متاثر ڪٽنبن کي انصاف ڏيارڻ ۾ بيوس نظر اچن ٿيون. اهو مسئلو تڏهن ئي حل ٿيندو، جڏهن جبري گمشدگين جي حوالي سان اثرائتي قانون سازي ٿيندي. اسان پرامن احتجاج ڪندڙ بلوچ نياڻين تي تشدد ۽ انهن جي گرفتارين جي مذمت ڪندي اها گهر ٿا ڪريون ته پرامن احتجاج جو قانوني حق استعمال ڪندڙن تي تشدد جو فيصلو جنهن به سطح تي ٿيو هجي، ذميوارن کي قانون جي گرفت ۾ آندو وڃي. اهو تماشو ميڊيا جي اکين سان سڄي دنيا ڏٺو ۽ ملڪ جي بدنامي ٿي.

عورت منهنجي نظر ۾ :::

طفيل مگسي (حصو پهريون)

مون کي اڻين ڏيک ڏيئي ٿو ته هن ڌرتي تي تون اهڙو پهريون مرد آهين. جيڪو عورت کي حقيقت ۾ سمجهين ٿو ۽ هن کي قبول ڪرين ٿو مان توکي ٻڌائي چڪو آهيان ته عورت محبت جي لاءِ سمجهڻ جي لاءِ ناهي. زندگي جيڪا ايترن اسرارن سان ڀري پئي آهي ته اسان جا هٿ هن جي توڙ تائين پهچڻ کان لاچار آهن. اسان جون اکيون هن جي پاتال جهڙي اونهائي کي نٿيون ڏسي سگهن هستي جي ڪنهن به ظهور- -مرد يا عورت يا وڻن يا جانورن يا پکين کي سمجهڻ سائنس جو ڪم آهي صوفيءَ جو نه. مان سائنسدان ناهيان. منهنجي لاءِ ته پاڻ سائنس هڪ اسرار آهي ۽ هينئر ته سائنسدان به سائنس کي هڪ اسراريت تسليم ڪرڻ لڳن ٿا. اهي ته ان پراڻي وهم پرستي يا لاڙي کي ڇڏي ڏيڻ شروع ڪري چڪا آهن ته اهي هڪ ڏينهن ان سڀ کي سڃاڻي وٺندا. جيڪو ڄاڻڻ جي لاءِ آهي. آئن اسٽائن سان گڏ سائنس جي سموري تاريخ هڪ بلڪل مختلف رستي تي راهي ٿي وئي. جنهن جو سبب اهوئي آهي ته هو جيترو گهڻو يا وڌيڪ مادي جي پاتال جهڙي اونهائي واري مرڪز تائين ويو. اوترو ئي وڌيڪ منجهندو ويو. سمورو منطق وکري ڪري رهجي ويو سموري عقليت پسندي. توهان هستي کي حڪم نٿا ڏئي سگهو ڇاڪاڻ ته اها اوهان جي منطق کي نٿي مڃي. منطق انسانن جو ٺاهيل آهي. آئن اسٽائن جي زندگي جو اهو مرحلو اهم هو جڏهن هو ياد ڪري ٿو هو عقليت پسند هئڻ نه هئڻ جي حوالي کان پريشان هو ليڪن اها بيوقوفي ٿي ٿيئي ها يعني اهو انساني عمل نه ٿيئي ها ليڪن ڏاهپ وارو عمل نه ٿيئي ها. چاهي توهان منطق جي عقليت تي ئي چو ته ازيل رهيو هجي. هتي توهان جي منطق جي مطابق تبديلي نٿي ٿيئي. توهان به منطق کي هستي جي مطابق تبديل ٿيڻو ٿو پوي. ۽ جيترو وڌيڪ توهان اونهائي ۾ وڃو ٿا هتي اوترو ئي وڌيڪ اسراريت ٿيندي وڃي ٿي. هڪ مقام اهڙو اچي ٿو ته توهان کي منطق ۽ عقليت پسندي کي ڇڏي ڏيڻ ۽ فطرت جي صدا تي ڪن ڏيڻو پوي ٿو مان ان کي حقيقي ڄاڻ سمجهان ٿو مگر ڄاڻ جي عمومي مفهوم ۾ نه. توهان ان کي ڄاڻو ٿا. توهان ان کي محسوس ڪريو ٿا. ليڪن ان کي بيان ڪرڻ جو ڪو طريقو ناهي.

ماڻهو هڪ اسرار آهي. عورت هڪ اسرار آهي. هر اها شيءِ جيڪا وجود رکي ٿي هڪ اسرار آهي_ ۽ ان کي سمجهڻ جون اسان جون سموريون ڪوششون بيڪار ٿي وينديون. مون کي هڪ ماڻهو ياد اچي رهيو آهي. جيڪو رانديڪن جي دڪان ۾ پنهنجي پٽ جي لاءِ ڪرسمس جو تحفو خريد ڪري رهيو هو. اهو ماڻهو رياضي دان هو انهيءَ ڪري دڪاندار فطري طور تي هن جي سامهون هڪ ڳجهارت رکي. رياضي دان ان جي آزمائش ڪئي اها هڪ خوبصورت ڳجهارت هئي. هو بار بار آزمائش ڪندو رهيو ايستائين ته پگهر ۾ شل ٿي ويو هو بيوقوف ٿيڻ لڳو هو گڏ ئي هڪ سيلزمين يا دڪاندار سڀ ڏسي رهيا هئا ۽ هو حل نٿي ڪري سگهيو هو تيت هن ڳجهارت کي حل ڪرڻ جو خيال ڇڏي ڏنو ۽ رڙ ڪري دڪاندار کي چيائين "مان رياضي دان آهيان ۽ مان جيڪڏهن هن ڳجهارت کي حل نٿو ڪري سگهان ته توهان جو ڇا خيال آهي منهنجو ننڍڙو پٽ ان کي حل ڪري سگهندو؟" دڪاندار چيو" جناب توهين سمجهين نه. ان کي ان ريت سان ٺاهيو ويو آهي ته ڪو به هن کي حل نٿو ڪري سگهي_ چاهي اهو رياضي دان هجي يا نه. "رياضي دان دريافت ڪيو" مگر ان کي ان ريت چو ٺاهيو ويو آهي؟" دڪاندار وراڻيو" هن کي اڻين ڪري ٺاهيو ويو ته جيئن ٻار شروعات ۾ ئي اهو ڄاڻي وڃي ته زندگي کي حل نٿو ڪري سگهجي. سمجهي نٿو سگهجي "توهان زندگي جي سگهو ٿا. توهان زندگي کان لطف وٺي سگهو ٿا. توهان اسرار سان گڏ هڪ ٿي سگهو ٿا. باوجود ان جي هڪ مشاهد جي حيثيت سان ڄاڻ حاصل ڪرڻ جو تصور بهرحال ممڪن عمل ناهي. مان ته پنهنجو پاڻ کي به نٿو سڃاڻان. منهنجي لاءِ ته عظيم ترين اسرار پاڻ ۾ آهيان. باوجود ان جي مان توهان کي ڪجهه پتو ڏئي سگهيان ٿو. "نفسيات جو هڪ ماهر هڪ اهڙو شخص هوندو آهي. جيڪو توهان کان اهڙا سوال مهانگين اگهين پڇي ٿو جيڪي توهان جي زال توهان کان مفت ۾ پڇي ٿي."

خوشيءَ جي افاديت ته توهان محبت ۽ نزاڪت ۽ جذبي جي حوالي سان ڳالهه ٻولهه ڪري سگهو ٿا. حقيقي خوشي اهو جاني ڪري ٿيندي آهي ته توهان پنهنجيون چاهيون ڪٿي گم ناهن ڪيون. عورت مردجي وچ ۾ سخت مزاحمت ڪرڻ کان شروع ٿيئي ٿي ۽ هن جو انت هن جي وٽ ڊراءِ کي روڪي ڪري ٿيندو آهي. جيڪڏهن توهان ڪنهن عورت جي سوچ بدلائڻ چاهيو ٿا ته هن سان متفق ٿي وڃو. جيڪڏهن توهان ڄاڻڻ چاهيو ٿا ته عورت حقيقت ۾ ڇا چوڻ چاهي ٿي ته هن جي ڳالهه نه ٻڌو بلڪ هن ڏانهن ڏسو. عورت پوليس واري وٽ وئي ۽ چيائين "آفيسر؛ اهو ماڻهو جيڪو ڪنڊ ۾ بيٺو آهي. مون کي ڪاوڙ ڏياري رهيو آهي." پوليس واري پڇيس "مان ڏسي رهيو آهيان ته هن ته توهانکي ڏٺوئي ناهي" عورت وراڻيو"اهائي ته ڪاوڙ ڏياريندڙ هن جي حرڪت آهي" هڪ رومان پرست نوجوان بستري ۾ پاڻ سان گڏ ستل حسين ۽ جميل نوجوانڙيءَ سان گڏ ڏانهس ڏانهن پاسو ورائي ڪري چيو "ڇا مان پهريون مرد آهيان. جنهن سان تو بستري ڪئي آهي؟" نوجوانڙيءَ کن پل جي لاءِ سوچيو ۽ چيائين "ٿي سگهي ٿو ته تون ئي هجين. مون کي اڪثر چهرا چڱيءَ ريت ياد نٿا رهن" "هر شيءِ اسرار ڀري آهي. ان ڪري سمجهڻ جي ڪوشش سان لطف حاصل ڪرڻ بهتر آهي. جيڪو شخص زندگي کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو تيت بيوقوف ثابت ٿيئي ٿو ۽ جيڪو شخص زندگي کان لطف حاصل ڪري ٿو ڏاهو بڻجي وڃي ٿو ۽ زندگي کان لطف ٿي وٺندو وڃي ٿو جنهن جو سبب اهو هوندو آهي ته هو اسان جي چوڌاري موجود پراسراريت کان وڌ ۾ وڌ خبردار ٿيندو وڃي ٿو سڀ کان وڌيڪ اهو ڄاڻڻ آهي ته ڪجهه به نٿو ڄاڻي سگهجي. ڇاڪاڻ ته سڀ ڪجهه پراسرار ۽ حيرت انگيز آهي. منهنجي خيال ۾ ته اهائي توهان جي زندگي ۾ مذهب جي شروعات ٿيئي ٿي. مرد ۽ عورت جي وچ ۾ موجود اڪثر فرق هزارين سالن جي دوران پيدا ڪيا ويا آهن. اهڙا فرق جيڪي حقيقت ۾ فطري ناهن. باوجود ڪجهه فرق اهڙا آهن جيڪي انهن کي منفرد حسن ۽ انفراديت عطا ڪن ٿا. اهڙي فرق کي سولائي سان ڳڻي سگهجي ٿو مرد ۽ عورت جي وچ ۾ پهريون فرق اهو آهي ته عورت زندگي کي تخليق ڪرڻ جي لائق آهي. جڏهن ته مرد اڻين نٿو ڪري سگهي. ان اعتبار کان هو ڪمتر آهي. ۽ انهيءَ ڪمتري عورتن تي مردن جي برتري قائم ٿيڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. ڪمتري جو احساس انهيءَ طريقي سان عمل ڪري ٿو هو برتر هئڻ جو ڏيکاءُ ڪري ٿو پنهنجو پاڻ کي ۽ سموري دنيا کي دوکو ڏيڻ جي لاءِ بس مرد صدين کان عورت جي جيئڻيس. جوهرن ۽ صلاحيتن کي برباد ڪري رهيو آهي ته جيئن هو پنهنجو پاڻ کي برتر ثابت ڪري سگهي. پنهنجي ۽ دنيا جي سسمهون:::چوته عورت زندگي کي جنم ڏيئي ٿي. انهيءَ لاءِ نو يا وڌيڪ مهينن جي لاءِ اها مڪمل طور تي مرد جي محتاج ۽ ڪمزور رهي ٿي. مرد ان شيءِ کان نهايت ئي غليظ انداز ۾ فائدو ورتو آهي ۽ اهو هڪ نفسياتي فرق آهي. جنهن کان نهرحال ڪو فرق نٿو پوي. مرد عورتن کي ڪوڙيون ڳالهيون ٻڌائي ڪري هن کي مرد جي ٻانهي بڻائي ڪري ڪنڊ دنيا جي ثانوي شغري بڻائي ڪري هن جي نفسيات کي بگاڙي ڇڏيو آهي ۽ ان جو سبب اهو هو ته سماجي اعتبار کان وڌيڪ طاقتور هو حقيقت ۾ جسماني طاقت ته حيوانيت جو جز هوندي آهي. جيڪڏهن برتري جو تعين جسماني طاقت کان ئي هوندو آهي ته ڪو به جانور مرد کان وڌيڪ طاقتور هوندو. مگر حقيقي يقين موجود آهي ۽ اسان کي هتڙادو فرقن جي ڊيرن هيٺان انهن کي تلاش ڪرڻو پوندو ۽ هڪ فرق جيڪو مون کي ڏيک ڏيئي ٿو اهو هي آهي ته عورت' مردجي ڀيٽ ۾ محبت ڪرڻ جي وڌيڪ اهليت رکي ٿي. مرد جي محبت گهٽ ۽ وڌ هڪ جسماني ضرورت هوندي آهي. جڏهن ته عورت جي محبت جسماني ضرورت ناهي هوندي. عورت جي محبت جسماني ضرورت کان تمام مٿاهين. نهايت عظيم هوندي آهي. يعني اها روحاني واردات ٿي سگهجي ٿي. اهوئي سبب آهي ته عورت هڪ شادي ڪرڻ واري هوندي آهي. جڏهن ته مرد گهڻيون شاديون ڪرڻ وارو هوندو آهي. مرد دنيا جي سمورين عورتن شادي ڪرڻ پسند ڪندو ۽ ان تي به هو مطمئن نه هوندو ڇاڪاڻ ته هن جو عدم اطمينان لامحدود هوندو آهي. عورت هڪ محبت کان مطمئن ٿي سگهي ٿي. مڪمل طور تي آسودي. جنهن جو سبب اهو آهي ته اها مرد جي بدن کي نٿي ڏسي بلڪ ان جي انساني داخلي صفتن کي ڏسي ٿي. اها خوبصورت طاقتور پٺاڻ واري مرد سان محبت نٿي ڪري بلڪ اها ان مرد سان جيڪو خاصيتن صلاحيت جو مالڪ هوندو آهي. اهڙين خاصيتن جو جن کي بيان نٿو ڪري سگهجي. مگر بي پناه ڪشش رکي ٿي. اهو هڪ اسرار جي لائق هوندو آهي. جنهن تي عورت هن کي چاهي ٿي. عورت پنهنجي مرد کي صرف مرد ٿي نٿي ڏسڻ چاهي بلڪ شعور جي دريافت جو هڪ ايڊوينچر ڏسڻ چاهي ٿي::: جيستائين جنس جو تعلق آهي ته مرد نهايت ئي ڪمزور آهي. اهو صرف هڪ پيرو بستري ڪري سگهي ٿو ۽ اهو نهايت ئي پريشان ڪندڙ مامرو آهي. مرد جي لاءِ ضروري هوندو آهي. هن جي جنسي عضوون تائين محدود رهي ٿي عورت جي سڳ وڌيڪ هوندي آهي. جيڪا صرف هن جي جنسي عضوون تائين رهي ٿي. عورت جو سمورو بدن جنسي هوندو آهي ۽ اها مردن کان ڪيترا پيرا وڌيڪ وڏي گهري. گهڻي مالامال ڪرڻ واري وڌيڪ پرورش ڏيڻ واري خوبصورت تجربي کان گذري ٿي. باوجود الميو اهو آهي ته هن جي سموري بدن کي تحريڪ ڏيڻي پوي ٿي ۽ مرد کي ان ۾ دلچسپي ناهي. هن کي ڪڏهن ان ۾ دلچسپي ناهي رهي. هن صرف پنهنجي جنسي چڪتاڻ کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ جي لاءِ عورت کي جنسي حيثيت جي طور تي استعمال ڪيو آهي. مرد پلن ۾ ختم ٿي وڃي ٿو ۽ جيتري وقت ۾ مرد ختم ٿي ويو هوندو آهي. اوتري وقت ۾ عورت شروع به ناهي ٿيندي. جنهن وقت محبت ڪرڻ ختم ڪري ٿو. هو منهن ڦيرائي ٿو ۽ سوچي ٿو جنسي عمل هن کي ننڊ ڏيڻ ۾ مدد ڏيئي ٿو تمام گهڻي سڪون واري گهري ننڊ. ان کي جنسي عمل جي وسيلي سموري چڪتاڻ کان ڇوٽڪارو ملي وڃي ٿو ۽ عورت اهو ڏسي ڪري روئي ۽ رڙي ٿي. عورت کي استعمال ڪيو ويندو رهيو آهي. اها زندگي جي غليظ ترين حقيقت آهي. عورت کي هڪ شيءِ هڪ ميڪنزم جي طور تي استعمال ڪرڻ ڪيتري غليظ ڳالهه آهي. عورت پاڻ کي استعمال ڪرڻ تي مرد کي معاف نٿي ڪري سگهي.

عورت کي زندگي جو ساٿي بڻائڻ جي لاءِ مرد کي جنسي عمل کان اڳ تياري جو عمل سکڻو پوندو. بستري ۾ وڃڻ تي تڪڙ نه ڪرڻ گهرجي. مردجي محبت کي هڪ فن بڻائڻو پوندو اهو هن جي لاءِ ڪا جڳهه چونڊ ڪري سگهي ٿو محبت جو هڪ پوڄاري جتي خوشبو وکيرڻ وارين اگربتين ڀري رهيون هجن. اکين اڳيان تيز روشني جي بجاءِ صرف شمعون ٻري رهيون هجن. ۽ مرد کي عورت کي صرف سکڻ گهرجي جڏهن عورت خوبصورت موڊ ۾ هجي. خوش هجي. ليڪن عمومي طور تي ٿيندو ڇا آهي ته مرد ۽ عورت محبت ڪرڻ کان اڳ وڙهن ٿا. ان سان محبت جهڪي ٿي وڃي ٿي. محبت هڪ قسم جو معاهدو آهي. جنهن کي ويڙهه ختم ڪري ڇڏي ٿي. گهٽ ۾ گهٽ هڪ رات جي لاءِ اهو هڪ دوکو آهي. رشوت آهي::::

مرد کي اڻين محبت ڪرڻ گهرجي جيئن مصور مصوري سان ڪري ٿو يعني جڏهن هو محسوس ڪري ٿو ته تصوير ٺاهڻ جي خواهش هن جي دل کي تمتار ڪري ڇڏيو آهي. تڏهن تصوير ٺاهي ٿو يا مرد کي اڻين محبت ڪرڻ کپي جيئن شاعر شعر چئي ٿو يا موسيقار ساز وڄائي ٿو عورت جي بدن کي هڪ ساز سمجهڻ گهرجي. ۽ اها هڪ ساز ئي آهي. جڏهن مرد خوشيءَ محسوس ڪري رهيو هجي. تڏهن جنس محض سڪون حاصل ڪرڻ جو اصلي ننڊ سمهڻ جو طريقو ناهي هوندو تڏهن جنسي عمل کان اڳ ان جي تياري ڪئي ويندي آهي. هو عورت سان گڏ ناچ ڪري ٿو هو عورت سان گڏ گيت ڳائي ٿو محبت جو پوڄاري خوبصورت سازن سان پڙاڏو ڪري رهيو هوندو آهي ۽ اها شروعات ٿيندي اعلي ترين شعور جي مظهر ڏانهن دروازي کلڻ جي.

محبت کي ڪڏهن جبري نه ٿيڻ گهرجي. محبت سان ڪڏهن زيادتي نه ٿيڻ گهرجي. ان کي ذهن ۾ نه هئڻ گهرجي. توهان ته کيڏي رهيا آهيو ناچ ڪري رهيا آهيو ڳائي رهيا آهيو خوش ٿي رهيا آهيو ان ڏکي لذت جو حصو جيڪڏهن اڻين ٿيئي ته اها خوبصورت هوندي آهي. جڏهن محبت ٿيندي آهي ته اها خوبصورت هوندي آهي. جڏهن ان کي بيڪار ڪيو ويندو آهي ته اها غليظ ٿيندي آهي. جڏهن محبت ۾ مرد مٿي ۽ عورت هيٺ ٿي ويندي آهي. ان کي . سڏيو ويندو آهي. اوپر ان گند کان خبروار ٿي چڪو هو ۽ مرد گهڻو ڳرو گهڻو ڏکيو ۽ گهڻو طاقتور آهي. اهو هڪ نازڪ وجود کي چٿي رهيو آهي. اوپر ۾ جنسي عمل جو انداز سدائين مختلف رهيو آهي. عورت مٿان هوندي آهي. مرد جي وزن هيٺان دٻيل عورت ته چرپر به نٿي ڪري سگهي. صرف مرد چرپر ڪري ٿو ان ڪري هو پلن جي اندر خالي ٿي وڃي ٿو جڏهن ته عورت روئندي رهجي وڃي ٿي. عورت ساٿي نه رهي ٿي مگر اها ان عمل ۾ شريڪ نٿي رهي هن کي نه استعمال ڪيو ويو آهي.

جڏهن عورت مٿان هوندي آهي ته اها وڌيڪ چرپر ڪري سگهي ٿي. جڏهن ته مرد گهٽ چرپر ڪري سگهي ٿو ۽ اهي انڪل ٻئي گڏ گڏ خالي ٿين ٿا. ۽ جڏهن ٻئي خالي ٿيڻ جي تجربي کان گذرن ٿا. ته اهو تجربو ڪنهن ٻئي دنيا جو هوندو آهي. اها اصل ۾ پهرين جهلڪ هوندي آهي ته انسان صرف بدن ناهي. اهو بدن کي وساري ڇڏي ٿو دنيا کي وساري ڇڏي ٿو مرد ۽ عورت ٻئي هڪ ٿي انسان ۾ پوئيل هوندا آهن جنهن کي هنن ڪڏهن به حاصل ناهي ڪيو هوندو عورت ڪيترائي پيرا خالي ٿيڻ جي اهليت رکي ٿي. ان ڪري مرد کي جيترو ممڪن ٿيئي اوترو هوريان ٿيڻو پوندو ان جي باوجود حقيقت اها آهي ته هو هر ماهري ۾ ايترو تڪڙ ۾ هوندو آهي ته هو ان سموري تعلق کي ئي برباد ڪري ڇڏي ٿو هن کي نهايت سڪون ڀريو ٿيڻ گهرجي. ڇو ته عورت ڪيترائي پيرا خالي ٿي سگهي ٿي. مرد کي پڇاڙي ۾ خالي ٿيڻ گهرجي. جڏهن عورت خالي ٿيڻ واري هجي ته اهو ساڏڙو سوڏڙو اندر اسٽيڊنگ جو مامرو آهي. اهي آهن فرق . انهن کي پيدا ناهي ڪيو ويو انهن کانسواءِ به فرق موجود آهن. مثال جي طور تي عورت مرد جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ سگهاري هوندي آهي. اها وڌيڪ بردبار. وڌيڪ شانت. وڌيڪ صابر هوندي آهي. اها وڌيڪ انتظار ڪرڻ جي لائق هوندي آهي. شايد انهن ئي خاصيتن جي سبب کان هن ۾ بيمارين جي مزاحمت وڌيڪ هوندي آهي. ۽ اها مرد کان وڌيڪ ڊگهي زندگي جيئي ٿي. عورت پنهنجي جي ابب کان پنهنجي نزاڪت وٺفاست جي سبب کان مرد جي زندگي کي بي انتها آسودگي ڏئي سگهي ٿي. هوءَ مرد جي زندگي جي چوڌاري نهايت سڪون بخشيندڙ ماحول پيدا ڪري سگهي ٿي. مگر ڇا ڪيو وڃي ته مرد ڪمزور آهي. اهو عويت جي گهيري ۾ اچڻ نٿو چاهي. (هلندڙ)

ڪُهي سو ڪَرَ لَهي، ڪوئي سو قَرِيبُ؛
اِها عادتَ سِڪيو، هَرَ زَمانَ حبيبُ؛
تِڇي سو طبيبُ، سوئي راحتَ رُوحَ جِي.

ارڙهين ترميم ۽ اين ايف سي ايوارڊ نواز ليگ ۽ ايم ڪيو ايم جي نشاني تي

محبوب عباسي

جڏهن کان نواز شريف ۽ نواز ليگ وو ڪو عزت دو`` جي نعري تان هٿ کڻي ويا آهن تڏهن کان هنن اين ايف سي ايوارڊ ۽ ارڙهين ترميم ڏانهن ڪات ڪهاڙا سڌا ڪيا آهن ياد رهڻ کپي ته ارڙهين ترميم ۽ اين ايف سي ايوارڊ ننڍن صوبن جو ديرينه مطالبو هيو جيڪو وڏي عرصي کان پوءِ پاڪستان پيپلز پارٽي جرئت منداڻي طريقي سان پورو ڪيو آهي_

ارڙهين ترميم 1973 ع جي آئين ۾ ڪيل ان واعدي جو پوراٿو آهي جنهن لاءِ ننڍن صوبن کي غير معمولي صبر ۽ وڏي جدوجهد ڪرڻي پئي هئي نيٺ چاليهن سالن کان پوءِ اهو خواب حقيقت ۾ تبديل ٿيو آهي جيئن ته 1973 ع جو آئين به شهيد ذوالفقار ڀٽو ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي ڏنو هيو پر وقت حالتن ۽ مارشلائن در مارشلائن سبب پاڪستان پيپلز پارٽي کي ان واعدي کي پورو ڪرڻ ۾ چاليهه سال لڳا ۽ 2010 ع ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي وفاقي حڪومت ۾ ان وقت جي صدر آصف علي زرداري پنهنجي ذاتي ڪوشش ۽ دلچسپي سان ارڙهين ترميم جو تحفو ڏنو

ايم ڪيو ايم ۽ نواز ليگ جيڪي موجوده منظر نامي ۾ هڪ ٻئي ڪا حامي ۽ حمايتي ٿي بيٺا آهن. ان جو بنيادي ڪارڻ اهو آهي جو ڪين سنڌ ۽ ٻين ننڍن صوبن جي حق حاڪميت، صوبائي خودمختياري ۽ معاشي پاڻ پرائپ سان فطري وير آهي. اهوئي سبب آهي جو ٻئي جماعتون اقتداري ۽ اليڪشن مهم ۾ پنهنجي اصلي چهري سان نڪري تروار ٿيون آهن. جنهن لاءِ هو پنهنجا سڀ اصول تياڳڻ لاءِ تيار آهن . ته جيئن ڪين اسٽيبلشمينٽ ۽ اقتداري قوتن جو آشرواد حاصل ٿي سگهي.

سڀني سياسي، باشعور ماڻهن ۽ سياسي قوتن کي خبر آهي ته ارڙهين ترميم جي لاءِ جوڙيل ڪاميٽي ۾ نواز ليگ ۽ ايم ڪيو ايم شامل هيون ۽ سندن ووٽ به ترميم جي حق ۾ آيل آهي. الاءِ چو ٻارهن سالن کان پوءِ هو ڪنهن جي اشاري تي پنهنجي ڪيل فيصلي کي پٺي ڏيئي ان ۾ تبديلي جو راڳ ڳائي رهيا آهن

سموريون سياسي قوتون پوري طرح ڄاڻن ٿيون ته پاڪستان جي چئني صوبن کي اپريل 2010 ۾ جيڪي حق ۽ ڪاتا پاڪستان پيپلز پارٽي جي ڪوشش ۽ اڳواڻي سان حاصل ٿيا آهن. اهي صوبائي ڪاتا ۽ حق برٽش راج جي 1935 ع واري آئين ۾ صوبن کي ڏنل هئا جيڪي 1973 جي آئين ۾ ڪنڪرنٽ لسٽ جي نالي سان ڄاڻايل هئا پر تڏهوڪي پاڪستان جي صدر ۽ پيلز پارٽي جي ڪوچئرمين محترم آصف علي زرداري به قدم اڳتي وڌي پنجهتر سالن کان حقيقي سڃاڻپ ۽ نالي کان محروم اڳوڻي سرحد صوبي ۽ هاڻوڪي خيبر پختونخواه کي پنهنجي سڃاڻپ ڏني ۽ سنڌ صوبي کي پنهنجو درست اچار ڏيڻ لاءِ انگريزي ۾ ايچ جو اضافو ڪيو

صوبن کي پنهنجن تاريخي ۽ قومي حقن کان محروم رکندڙ مضبوط مرڪز جون حمايتي قوتون اڄ به ارڙهين ترميم ۽ ستين اين ايف سي ايوارڊ کي تبديل ڪرڻ لاءِ متحرڪ آهن. جنهن ۾ نواز ليگ ۽ ايم ڪيو ايم برابر جون شريڪ آهن. اهوئي سندن تاريخي قومي شعور کان وانجهيل هئڻ جو دليل آهي.

پر پاڪستان جو باشعور عوام، پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ تاريخي طور تي صدين کان موجود صوبا اهو سڀ ڪجهه ڪڏهن به ڪرڻ نه ڏيندا.

ارڙهين ترميم 1973 ع جي آئين ۾ لڳ ڀڳ هڪ سو ترميمون آهن جن نواز ليگ ۽ مضبوط مرڪزجي حامين کي چيڙائي وڌو آهي ، جيڪڏهن تاريخ ۾ جهاتي پائي ڏسنداسين ته مسلمان آبادي وارن صوبن انهيءَ سبب ڪري ڪانگريس جي مخالفت ڪئي جو اها مضبوط مرڪز جي حامي هئي ۽ مسلم ليگ جا حامي ۽ طرفدار انهيءَ سبب ڪري بڻيا جو اها صوبائي خودمختياري جي وڪيل بڻيل هئي 1940 ع جي قرداد انهيءَ جو وڏو دليل آهي پر نواز ليگ ۽ اسٽيبلشمينٽ مضبوط مرڪز جي نالي ۾ ملڪ جو ڏهه حصو وڃائڻ کان پوءِ به هوش ۾ اچڻ لاءِ تيار ناهن_

ارڙهين ترميم خلاف عمران جي حڪومت هجي يا نواز ليگ هجي، اهي اسٽيبلشمينٽ سان هڪ پيج تي موجود آهن ان جو واضع مثال اهيو آهي ته عمراني حڪومت ارڙهين ترميم تحت صوبن کي منتقل ڪيل وزارتون مختلف نالن سان وفاق ۾ برقرار رکيون

ياد رکڻ جي ڳالهه آهي ته ارڙهين ترميم تحت سترهن وزارتون صوبن ڏانهن منتقل ٿيڻيون هيون، جنهن ۾ صحت، تعليم، زراعت ۽ انساني حقن وارا ڪاتا به شامل هيا پر اسٽيبلشمينٽ نواز ليگ جي ٽيڪ تي اهي ڪاتا اسلام آباد ۾ ئي رکڻ مناسب سمجها، جيڪا ننڍن صوبن سان ناانصافي ۽ 1973 ع جي آئين توڙي ارڙهين ترميم کان انحرافي جي برابر آهي

نواز ليگ سان ٻيو معاملو ستين اين ايف سي ايوارڊ جو آهي جيڪو صوبن ۽ وفاق جي رضا مندي سان لاڳو ڪيو ويو هيو ساڳي طرح نواز ليگ کي اها پريشاني آهي ته ارڙهين ترميم تحت اين ايف سي ايوارڊ کي جيڪو آئيني تحفظ مليل آهي، جنهن موجب اين ايف سي ايوارڊ ۾ صوبن جو حصو گهٽائي نٿو سگهجي انهيءَ لاءِ ارڙهين ترميم جي آرٽيڪل هڪ سئو سٺ جي شق 3_8 ڏسڻ گهرجي پر اڳوڻي نااهلي واري وزير اسحاق ڊار وفاق ۽ صوبن جي وچ ۾ مالي ورڇ جي تبديلي تي زور ڏنو آهي. ۽ ساڳي طرح نواز ليگ ارڙهين ترميم ۾ ڪجهه تبديلن کي اليڪشني منشور جو حصو بڻائڻ جي ڳالهه ڪئي آهي پر عوامي دٻاءَ ۽ پاڪستان پيپلزپارٽي جي همٿ ڀرئي موقف سبب پوئتي هٽي وئي آهي پر پاڪستان جي عوام کي سندس نيتن ۽ ارادن جي پروڙ پئجي وئي آهي ته ارڙهين ترميم ۽ ستون اين ايف سي ايوارڊ سندن نشاني تي آهي

ستون اين ايف سي ايوارڊ ڪو ماڊل مالي ورڇ جو پروگرام نه آهي ۽ عالمي معيار جي مالي ورڇ سان برميچي نٿي سگهي جيڪو فيڊريشن واري جوڙ جڪ جي ملڪن ۾ لاڳو آهي. هن ايوارڊ ۾ سڀ کان وڏو حصو آبادي جي بنياد تي ڏنو وڃي ٿو جنهن جو سڀ کان وڏو فائدو پنجاب صوبي کي پهچي ٿو جڏهن ته ايراضي، غربت ۽ سالانه اوڳاڙي جي لحاظ کان سنڌ ۽ بلوچستان جو نالو اچي ٿو جن جو حصو تمام گهٽ رکيل آهي، تازي نئين سياسي تبديلي جو هڪ نئون محرڪ سامهون آيو آهي ته نواز ليگ ۽ ايم ڪيو ايم پاڪستان به ارڙهين ترميم ۽ اين ايف سي ايوارڊ تي متفق نظر اچي رهيون آهن، ايم ڪيو ايم جي سدائين پاليسي رهي آهي ته اها پنهنجي گروهي ۽ متعصب ذهنيت سبب صوبائي حقن بدران مضبوط مرڪز جي حامي رهي آهي نواز ليگ ۽ ايم ڪيو ايم جو نئون راڳ به پڌڻ وٽان آهي ته اين ايف سي ايوارڊ تحت صوبن کي جيڪو حصو ڏنو وڃي ٿو ساڳي طرح صوبا به ضلعن لاءِ مالي ايوارڊ مقرر ڪن يا وفاق صوبي کي پئسا ڏيڻ بدران سڌو سئون ضلعن کي منتقل ڪن. جيڪا هڪ آمرجي غلط فيصلي جي نشاني آهي، جنهن کي ٻئي ڌريون برقرار ۽ لاڳو ڪرڻ چاهين ٿيون

سوچڻ جي ڳالهه اها آهي ته وفاق ارڙهين ترميم تحت صوبن کي پنهنجا اختيار منتقل ڪرڻ لاءِ تيار ناهي ۽ وري ساڳيون جماعتون صوبن جي حقن تي راتاها هڻندي صوبائي حڪومتن کي ناڪاره بڻائڻ لاءِ ضلعن کي سڌا پئسا ڏيارڻ جون حامي آهن

جيڪو سڌو سنئون صوبن جي خودمختياري ۽ مفادن سان ٽڪراءَ واري ڳالهه آهي جيڪو ڪر پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ پاڪستان جو عوام ڪڏهن به ڪرڻ ڪونه ڏيندا ارڙهين ترميم ۽ ستون اين ايف سي ايوارڊ ننڍن صوبن جي اها حاصلات آهي جنهن لاءِ ڏاڪن تائين وفاقي توڙي قومپرست پارٽين جدوجهد ڪئي آهي جيڪو هاڻي پاڪستان پيپلز پارٽي جي ڪوشش سان نه رڳو اهي لاڳو ٿيون آهن . پر ان جو ثمر به اچڻ شروع ٿي ويو آهي ارڙهين ترميم ۽ اين ايف سي ايوارڊ کي پنهنجي روح موجب لاڳو ڪرڻ لاءِ جدوجهد جي چونڊ ڪرڻ گهرجي جا ڪاڻ ته پرامن جدوجهد ئي حقن کي ڪاغذن کان عملن ۾ آڻي سگهي ٿي

بقايا ❋❋❋ 01

ڏنو ويو ته هڪ ملڪ اوهان جي خلاف آهي. هن چيو ته لاش رکي پاڪستان کپي جو نعرو لڳائيندڙ ئي وڏا سياستدان آهن. بلاول ڀٽو زرداري پنهنجي امڙ جي شهادت تي "جمهوريت بهترين انتقام آهي" جو نعرو هنيو هو سندس چوڻ هو پ پ چاهي ٿي ته سڀني لاءِ ليول پليئنگ فيلڊ هجي. پ پ جو انتخابي نشان تلوار هو ڦريو ويو ته اسان جي پارٽي تير جي نشان تي چونڊن ۾ حصو ورتو هو. جيڪڏهن پي ٽي آءِ وارا سمجهن ٿا اهي بيقصور آهن ته عدالت وڃي ثابت ڪن ته هي بيقصور آهن.

بقايا ❋❋❋ 02

ارشاد علي ۽ جسٽس ذوالفقار سانگي سکر ۾ فرائض سرانجام ڏيندا. جڏهن ته جسٽس سليم جيسر لاڙڪاڻي ۾ ريٽرننگ آفيسرن جي فيصلن تي اپيلن جي ٻڌڻي ڪندو.

بقايا ❋❋❋ 03

سمجهان ٿو ته 9 مئي ۾ ملوث ماڻهن کي عوامي نمائندو نه هجڻ گهرجي ۽ اهو به نٿو سمجهان ته سڄي تحريڪ انصاف کي 9 مئي سان جوڙيو وڃي سندس چوڻ هو ليول پليئنگ فيلڊ بابت شڪايتون اينديون ته ڏسنداسين. ڪنهن کي سياسي ميدان کان ٻاهر دخل ڪرڻ حڪومت جي پاليسي ناهي. ڪنهن کي چونڊ عمل کان روڪيو ويو ته جاچ ڪنداسين ۽ ان حوالي سان اليڪشن ڪميشن سان به ڳالهائينداسين. نگران وزيراعظم چيو ته مان پارٽي طور 2013 ۽ 2018ع ۾ پي ٽي آءِ کي ووٽ ڏنو ۽ مون کي ان تي ڪا شرمندگي ناهي. مان هڪ دور کان پي ٽي آءِ جو دفاع ڪيو. پي ٽي آءِ حڪومت مان اميد هئي ته اها گورننس ۽ معيشت کي بهتر ڪندي.

بقايا ❋❋❋ 04

پنهنجي موقف ۾ چيو آهي ته چونڊن کان اڳ مون کي نااهل ڪرڻ منهنجي بنيادي حقن جي ڀڃڪڙي آهي عمران خان چيو ته اليڪشن ڪميشن فيصلي ۾ تڪڙ جو مظاهرو ڪندي مون کي 8 آگسٽ تي آرٽيڪل 62 ون ايف تحت پنج سالن جي لاءِ نااهل قرار ڏنو جڏهن ته تحريڪ انصاف کي پارٽي جي نشان بيٽ کان به محروم ڪيو ويو آهي. عمران خان استدعا ڪئي آهي ته اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جو فيصلو ڪالعدم قرار ڏنو وڃي ۽ توشه خانه ڪيس ۾ سزا کي معطل ڪيو وڃي. هن چيو ته توشه خانه ڪيس ۾ سزا اڳ ئي معطل ٿي چڪي آهي پر هاءِ ڪورٽ صرف سزا معطل ڪئي پورو فيصلو. هاءِ ڪورٽ جي فيصلي مان غلطي جو اليڪشن ڪميشن فائدو کنيو ۽ پي ٽي آءِ باني جي نااهلي جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو پي ٽي آءِ باني سپريم ڪورٽ کي درخواست ڪئي آهي ته چونڊون ويجهيون آهن. پي ٽي آءِ جو باني ملڪ جو اڳوڻو وزيراعظم آهي. ملڪ جي سڀني کان وڏي پارٽي جي اڳواڻ کي چونڊن کان ٻاهر نٿو رکي سگهجي. سپريم ڪورٽ توشه خانه ڪيس ۾ سزا تي بدل فيصلو معطل ڪري ته جيئن چونڊن ۾ حصو وٺي سگهجي. هوڏانهن سپريم ڪورٽ جي آفيس اعتراض لڳائيندي تحريڪ انصاف جي باني جي درخواست واپس ڪندي چيو ته اپيل سان گڏ لڳايل دستاويزات اڻپورا آهن. سمورن دستاويزن سان اپيل 6 جنوري تائين داخل ڪري سگهجي ٿي.

بقايا ❋❋❋ 05

. هاڻ اهڙو عمل برداشت نه ڪنداسين. لاهور ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي مريم اورنگزيب چيو ته لاڏلي کي آر ٽي ايس ويهاري مڙهيو ويو. چونڊون چوري ڪري لاڏلي کي آندو ويو. جڏهن لاڏلي جي خلاف بي اعتمادي جي رٽ آئي ته هن آئين ٽوڙيو بي اعتمادي جي رٽ آڻڻ ڪنهن به قسم جي سازش نه هوندي آهي. هن چيو ته جلسي ۾ سائفر لهرائي سيڪريٽ ايڪٽ جون ڌڄيون اڏايون ويون. بند ڪمري ۾ چيو ويو ته سائفر معاملي تي سياست ڪرڻي آهي. ڪاغذ لهرائي عوام کي گمراهه ڪيو ويو. سائفر چوري ڪندڙ کي ملڪ سان غداري جو جواب ڏيڻو پوندو ليگي اڳواڻ چيو ته جنهن شخص آئين جي ڀڃڪڙي ڪرائي ان کي معصوم چيو پيو وڃي. پهرين 2018 ۾ لاڏلو چيو ويو هاڻ معصوم چئي ملڪ مٿان مڙهيو پيو وڃي. هاڻ برداشت نه ڪنداسين. اڳوڻي وفاقي وزير پي ٽي آءِ باني تي تنقيد ڪندي چيو ته اوهان اسپتال، اسڪول، جناح هائوس کي باهيون ڏئي ساڙي ڇڏيو ڇا اوهان معصوم آهيو؟ 9 مئي جي ڏوهارين کي گڏ ٿو سي يو چيو وڃي ٿو. ڇا پرڏيهي فنڊنگ ڪندڙ ۽ 9 مئي جو ڏوهاري معصوم آهي؟ 190 ملين پائونڊ جو بند ٿيل لفافو لهرائي پئسا کايو ڇا اوهان معصوم آهيو؟ مريم اورنگزيب چيو ته انهيءَ معصوميت ملڪ جو بيڙو ٻوڙي ڇڏيو 3 ڀيرا چونڊيل وزيراعظم کي گهر اماڻيو ويو عوام نوازشريف ۽ شهباز شريف کي چاهي ٿي. نوازشريف وٽ تجربيڪار ماڻهن جي ٽيم آهي اهو تماشو هاڻ نٿو هلي سگهي. عوام کي سڀ خبر آهي. ليگي اڳواڻ وڌيڪ چيو ته هڪ ماڻهو جيل ۾ آهي ان تي سنگين الزام آهن ڪو ڏسي رهيو آهي يا نه پيو ڏسي. 8 فيبروري تي عوام فيصلو ڪندو ته ان کي ڪهڙي قيادت گهرجي.

بقايا ❋❋❋ 06

مان هارايو ته هو پر ڪيس هارايو ويو هو. ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي سعيد غني چيو ته اسان مڪاني چونڊن ۾ اهي يوسيون به کٽيون. جيڪا اڳ ۾ هارايون هيون. لياري ۾ پ پ مضبوط ٿي آهي. هن چيو ته 9 مئي تي جيڪو ٿيو اهو سياسي ماڻهو نٿو ڪري سگهي. پي ٽي آءِ باني فوج کي تڪراري بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي.

بقايا ❋❋❋ 07

جو فيصلو ڪري ورتو پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي جو اڳوڻو چيئرمين نور عالم خان جي يو آءِ ۾ شموليت جو باضابطا طور اعلان مولانا فضل الرحمان سان گڏ پريس ڪانفرنس ۾ ڪندو ذريعن جو چوڻ آهي ته نور عالم خان 2024 جي عام چونڊن ۾ جمعيت علماءِ اسلام جي ٽڪيٽ تان وڙهندو واضح رهي ته نور عالم خان 2018 جي عام چونڊن ۾ تحريڪ انصاف جي ٽڪيٽ تان حصو ورتو هو.

بقايا ❋❋❋ 08

. يوٽيلٽي اسٽورز تي 10 ڪلو اٽي جو ٿيلهو 1420، کنڊ 155 روپيه ڪلو وڪرو ٿيڻ لڳا. يوٽيلٽي اسٽورز تي چانورن جي قيمتن ۾ 325 کان 420 روپيه ڪلو واڌ ڪئي وئي آهي. يوٽيلٽي اسٽورز ۽ مارڪيٽ ۾ ٻيهرين نمبر جي گيهه، آئل جي قيمت ۾ صرف 2 روپين جو فرق آهي. ٻيهرين نمبر جو سويابين تيل مارڪيٽ جي مقابلي ۾ يوٽيلٽي اسٽورز تي مهانگو وڪرو ٿيڻ لڳو.

بقايا ❋❋❋ 09

قطر جي پائيپ لائين ڦاٽي پئي. واٽر ڪارپوريشن جو چوڻ آهي ته 72 انچ قطر جي پائيپ لائين نمبر 5 پاڻي جي دٻاءَ سبب ڦاٽي پئي. پائپ لائن ڦاٽڻ سبب سيڪنڊ فيز ۽ ڪي 2 پمپ هائوس بند ٿي ويا. واٽر ڪارپوريشن جو چوڻ آهي ته ڪراچي کي 72 انچ قطر جي پائيپ لائين ذريعي پاڻي فراهم ڪيو ويندو آهي. ٻئي طرف چيف انجنيئر واٽر ڪارپوريشن جو چوڻ آهي ته متاثر لائين جي بحالي جو ڪم هنگامي بنيادن تي شروع ڪيو ويو آهي. ايندڙ 24 ڪلاڪن ۾ متاثر لائين جي مرمت جو ڪم مڪمل ڪيو ويندو چيف انجنيئر چيو ته ڪراچي کي متبادل لائين ذريعي پاڻي جي فراهمي جاري آهي.

بقايا ❋❋❋ 10

. ناڻي واري وزارت جي ترجمان موجب پاڪستان آءِ ايم ايف پروگرام تحت سمورا واعدا پورا ڪري رهيو آهي. ٻين ٽن مهينن لاءِ پگهارن ۽ پينشن جي ادائيگي جا فنڊ اڳ ئي جاري ٿي چڪا آهن ترجمان ٻڌايو ته ترقياتي خرچن جي فنڊن جو اختيار پلاننگ ۽ ڊيولپمينٽ اينڊ اسپيشل انيشيئيٽو ڊويزن وٽ آهي. فنانس ۽ پلاننگ ڊويزن جي رليز حڪمت عملي ۾ ڪا تبديلي ناهي ڪئي وئي. ترجمان چيو ته بينظير انڪم سپورٽ پروگرام لاءِ ٻين ٽن مهينن جا سمورا فنڊ جاري ڪيا ويا آهن بي آءِ ايس پي جا فنڊ منتقل ٿي رهيا آهن. فنانس ڊويزن ترجمان موجب بجلي جي شعبي کي سبسڊي ڏيڻ لاءِ سمورا فنڊ دستياب ڪرايا ويا. ڪرسمس کان اڳ عيسائي برادري کي پگهارون جاري ڪرڻ جو عمل يقيني بڻايو ويو. ناڻي واري وزارت ٻڌايو ته ٽيڪس وصولي ۽ وزارتن طرفان اين ٽي آر جي وصولي مڪمل طور ٽريڪ تي آهي.

بقايا ❋❋❋ 11

۾ معائنو ڪيو ويو. دل جي تڪليف سبب پرويز الاهي کي راولپنڊي انسٽيٽيوٽ آف ڪارڊيالاجي منتقل ڪيو ويو. اختيارين جو چوڻ آهي ته پرويز الاهي گذريل رات دل ۾ تڪليف جي دانهن ڪئي هئي. سندس سيني ۾ به انفيڪشن ٿيو آهي.

بقايا ❋❋❋ 12

پشاور هاءِ ڪورٽ ۽ سپريم ڪورٽ سان رابطو ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي. نجي چينل سان ڳالهيون ڪندي پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ بيرسٽر گوهر چيو ته اليڪشن ڪميشن جو فيصلو تمام گهڻو ڪمزور آهي. اهو تڪڙو فيصلو آهي جنهن جي لاءِ اسان عدالت وينداسين. هن چيو ته اهڙي فيصلي سان اسان کي ڌڪ پهتو آهي. اسان وٽ پلان بي به موجود آهي. هن چيو ته اسان پنهنجن اميدوارن کي عام چونڊن ۾ حصو وٺڻ جي لاءِ نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائڻ جي هدايت ڪئي آهي. ياد رهي ته اليڪشن ڪميشن طرفان محفوظ ڪيل فيصلو گذريل ڏينهن ٻڌايو ويو جنهن ۾ چيو ويو آهي ته پي ٽي آءِ پنهنجون چونڊون پارٽي جي آئين موجب نه ڪرايون آهن. پي ٽي آءِ کان بيٽ جو نشان واپس ورتو ويو آهي. فيصلي ۾ ٻڌايو ويو آهي ته چيف اليڪشن ڪمشنر جي سربراهي ۾ 5 رڪني بينچ پي ٽي آءِ انٽرا پارٽي چونڊن جي خلاف داخل درخواستن تي ٻڌڻي ڪئي جنهن ۾ پي ٽي آءِ انٽرا پارٽي چونڊن کي ڪالعدم قرار ڏنو ويو

بقايا ❋❋❋ 13

ڪيرايا. اسرائيل فلسطينين کي غزه جي جنهن علائقي مان ٻي دخل ڪيو اتي به جاني واڻي بم ڪيرايا ويا. ٻئي پاسي فلسطين جي مزاحمتي تنظيم حماس طرفان به جوابي ڪارروائي جاري آهي ۽ جنگ ۾ هينئر تائين 4772 اسرائيلي فوجي مارجي ويا آهن جن مان 139 اسرائيلي فوجي زميني ڪارروائي ۾ دوران مارجي ويا. ياد رهي ته 7 آڪٽوبر کان پوءِ کان اسرائيلي حملن ۾ هينئر تائين شهيد فلسطينين جو انگ 21 هزار جي ويجهو پهچي ويو آهي جڏهن ته 53 هزار کان وڌيڪ زخمي به ٿيا آهن.

بقايا ❋❋❋ 14

سول جج لالا اسد ۽ سينٽرل ضلعي جي فيملي ماجسٽريٽ ماهه رخ رشيد کي بدلي ڪري ٽنڊو الهيار ۾ مقرر ڪيو ويو. ٽنڊو الهيار جي سول جج ڪنول ۽ ڪاشف پٽي ڪراچي جي سينٽرل ۽ ڏکڻ ضلعن ۾ مقرر ڪيا ويا آهن. سڪرنڊ جي ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج حسن علي ڪلوڙ کي دادو ۾ مقرر ڪيو ويو. گهوٽڪي جو ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج حافظ مصباح الدين قليوٽو کي شڪارپور بدلي ڪيو ويو. پنوعاقل جي ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج راجا حبيب الرحمان کي نوشهروفيروز بدلي ڪيو ويو. قمر الدين عباسي کي نوشهروفيروز مان بدلي ڪري پنوعاقل جو ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج مقرر ڪيو ويو. ملير جو ايڊيشنل سيشن جج تصور علي حيدرآباد بدلي، خيرپور جي سينيئر سول جج سونيا اعوان کي بدلي ڪري نوشهروفيروز امائيو ويو. سجاول جو سينيئر سول جج محمد ايوب پٽي به بدلي. ملير مان خرم امين کي هٽائي سجاول ۾ مقرر ڪيو ويو. چيف جسٽس عقيل احمد عباسي جي منظوري سان نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو آهي

بقايا ❋❋❋ 15

گهر ۾ موجود نه هو. رات دير سان پوليس وڏي نفري سميت پاڪستان تحريڪ انصاف ڪراچي جي صدر خرم شير زمان جي گهر پهتي. ترجمان موجب گهر ٻاهر 3 پوليس موبائيلن ۾ 2 درجن کان وڌيڪ اهلڪار موجود هئا. ڇاپي وقت خرم شير زمان موجود نه هو ترجمان جو چوڻ آهي ته پوليس اهلڪار سرچ وارنٽ کانسواءِ خرم شيرزمان جي گهر ۾ داخل ٿيا. ٻئي طرف خرم شير زمان پنهنجي ٽوئيٽ ۾ چيو آهي ته پوليس چوٿون پيرو گهر آئي آهي. هو ستن مهينن کان گهرن کان پري آهي.

بقايا ❋❋❋ 16

تي ٽرين مان بم ملڻ جي واقعي ۾ پوليس جي شروعاتي جاچ مڪمل ٿي وئي. اختيارين جو چوڻ آهي ته بم جو امڪاني هدف سنڌ جو علائقو سکر هو. ڊي آءِ جي ڪنڻ اسد رضا موجب ڪيس ڪينٽ ريلوي اسٽيشن ٿاڻي تي داخل ڪيو ويندو. شروعاتي جاچ موجب بم پشاور اسٽيشن تان ٽرين ۾ رکيو ويو. پشاور کان ڪراچي تائين مختلف اسٽيشنز جا فوٽيج حاصل ڪيا پيا وڃن. اسد رضا ٻڌايو ته ٽائمر موجب بم ڦاٽڻ جو وقت منجهند 12 وڳي جو هو. 12 وڳي ٽرين سکر روهڙي جنڪشن تي هئي پر ڊوائس ناڪارا ٿيڻ سبب بم نه ڦاٽي سگهيو. هن چيو ڪينٽ اسٽيشن تي ٽرين اچي بيٺي ته هڪ ڪلاڪ ڪانپو پوليس کي بم جو اطلاع مليو. ٽرين ۾ موجود شڪي ٿيلهي جو اطلاع ريلوي جي عملي ڏنو. ريلوي جي عملي کان به پڇا ڳاڇا ڪئي پئي وڃي. بم ڊسپوزل يونٽ جي شروعاتي رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته بم 4 کان 5 ڪلوگرام وزني هو ۽ ان ۾ اڍائي ڪلو تائين بارودي مواد هو. واضح رهي ته گذريل رات ڪينٽ اسٽيشن پليٽ فارم نمبر 2 تي ٽرين ۾ بم جو اطلاع ملڻ تي بم ڊسپوزل اسڪواڊ پهچي ان کي ناڪارا بڻائي ڇڏيو هو

بقايا ❋❋❋ 17

هو ته مان ڪڏهن امانت ۾ خيانت نه ڪئي. ڪڏهن ڪرپشن نه ڪئي. ڪنهن تي تنقيد ڪري ووٽ نٿو وٺڻ چاهيان. تنقيد شروع ڪئي ته ڊگهي ڪهاڻي آهي.

بقايا ❋❋❋ 18

عمران خان جي گهرواري بشريٰ بي بي جي آڊيو ليڪس خلاف درخواست جو لکت ۾ حڪمنامو اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جاري ڪري ڇڏيو اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جسٽس بابر ستار طرفان جاري ڪيل آڊيو ليڪس ڪيس ۾ 7 صفحن تي ٻڌل لکت ۾ جاري ڪيل حڪم نامي ۾ چيو ويو آهي ته اٽارني جنرل ٻڌايو ته وفاقي حڪومت ڪنهن به انٽيليجنس ايجنسي کي ٽيليفون ڪال رڪارڊ ڪرڻ جي اجازت نه ڏني آهي. حڪمنامي ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته اٽارني جنرل چيو ته سمورن شهرين جي پرائيويسي ۽ حق جو تحفظ ضروري آهي. آڊيو ليڪس سوشل ميڊيا تي ڪنهن رليز ڪئي. ايف آءِ اي جواب لاءِ مهلت طلب ڪئي عدالت چيو ته ايف آءِ اي آڊيو ليڪس شيئر ڪندڙ سوشل ميڊيا اڪائونٽس جي تفصيل سان گڏ رپورٽ پيش ڪري ۽ ڊي جي ايف آءِ اي پيش ٿي ٻڌائي ته فون ڪالز جي سرويلنس ۽ رڪارڊنگ ڪيئن ٿي سگهي ٿي؟ عدالتي حڪم نامي ۾ چيو ويو آهي ته ڊي جي ايف آءِ اي پيش ٿي ٻڌائي ته فون ڪالز جي سرويلنس ۽ رڪارڊنگ ڪيئن ٿي سگهي ٿي؟ ٻڌڻي دوران آءِ ايس آءِ ۽ دفاع واري وزارت ذريعي آڊيو ليڪس تي پنهنجي رپورٽ جمع ڪرائي. جنهن موجب آءِ ايس آءِ وٽ سوشل ميڊيا تي شيئر ڄاڻ جي خبر لڳائڻ لاءِ ٽيڪنالاجي نه آهي. انٽيليجنس بيورو انڪوائري ڪري رپورٽ پيش ڪري جيئن خبر پوي ته آڊيو ليڪس ڪهڙن اڪائونٽس تائين شيئر ٿيون. عدالت حڪم ڏنو ته غيرقانوني رڪارڊ ڪيل ڪالز جا آڊيو شيئر ڪندڙ سوشل ميڊيا اڪائونٽس جا تفصيل جمع ڪرائين. ڊي جي آءِ بي ٻڌائي پاڪستاني شهرين جي سرويلنس ڪير ڪري سگهي ٿو؟ اهو به ٻڌايو وڃي ته پاڪستان جي رياست وٽ غيرقانوني سرويلنس کان محفوظ رهڻ جي صلاحيت آهي؟

بقايا ❋❋❋ 19

. نجي ٽي وي سان ڳالهيون ڪندي قانوني ماهر حافظ احسان احمد چيو ته چونڊ ايڪٽ جا 5 سيڪشن وڏا اهم آهن. هر سياسي پارٽي جي ذميواري آهي ته انٽرا پارٽي چونڊون ڪرائي. انٽرا پارٽي چونڊن کان پوءِ اليڪشن ڪميشن سرٽيفڪيٽ جاري ڪيو ويندو آهي. حافظ احسان احمد چيو ته اليڪشن ايڪٽ موجب جيڪا پارٽي رولز کي فالو نه ڪندي ان کي چونڊ نشان نه ملندو. هاڻ 2 رستا آهن هڪ اليڪشن ڪميشن جي گهرجن کي پورو ڪيو وڃي يا اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ فيصلي کي چيلينج ڪري سگهجي ٿو. ان حوالي سان پلڊاٽ سربراهه احمد بلال محبوب چيو آهي ته فيصلي جي نتيجي ۾ پي ٽي آءِ لاءِ وڏو سيٽ بيڪ ٿيندو. پي ٽي آءِ اميدوار هاڻي آزاد نشان تي چونڊ وڙهندا. پي ٽي آءِ وٽ هڪ ئي آپشن آهي ته هو سپريم ڪورٽ وڃي ڇو ته چونڊ نشان الاٽ ڪرڻ جي آخري تاريخ 13 جنوري آهي. سپريم ڪورٽ وڃڻ سان چونڊ نشان الاٽ ٿي سگهي ٿو اليڪشن ڪميشن جي اڳوڻي سيڪريٽري ڪنور دلشاد چيو ته سيڪشن 209 جي تحت اليڪشن ڪميشن فيصلو ڪيو آهي. اليڪشن ڪميشن کي اهو اختيار حاصل آهي. فيصلي جي خلاف اپيل داخل ڪرڻ جي گنجائش موجود آهي. پي ٽي آءِ جي سمورن انٽرا پارٽي چونڊن کي چيلينج ڪيو ويو هو. جڏهن ته ٻين انٽرا پارٽي چونڊن کي چيلينج نه ڪيو ويو هو ڪنور دلشاد وڌيڪ چيو ته اهڙي فيصلي تحت صرف چونڊ نشان واپس ورتو ويو آهي. تحريڪ انصاف بطور پارٽي برقرار رهندي. جيڪڏهن سپريم ڪورٽ به خلاف فيصلو ڏنو ته پوءِ پارٽي ميمبر آزاد اميدوار جي طور تي چونڊن ۾ حصو وٺي سگهن ٿا.

بقايا ❋❋❋ 20

فيڊرل يونين آف جرنلسٽ ۽ سنڌ ايڪشن ڪميٽي طرفان حيدرآباد پريس ڪلب جي ٻاهران حيدرآباد يونين آف جرنلسٽ طرفان بک هڙتالي ڪيمپ لڳائي وئي جنهن ۾ حافين جي وڏي انگ سميت وڪيلن، عورتن، قومپرست پارٽين جي اڳواڻن، پ پ شهيد ڀٽو جي اڳواڻ، فوٽو گرافرن ۽ ڪيمرا مين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. بک هڙتالي ڪيمپ کي خطاب ڪندي سينئر صحافي ۽ پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽ جي اڳواڻ خالد کوکر، اقبال ملاح، جي پرڪاش ۽ ٻين اڳواڻن چيو ته چار مهينا گذرڻ جي باوجود اڃان تائين شهيد جان محمد مهر جي قاتلن کي گرفتار نه ڪيو ويو آهي. جيڪڏهن پوليس چاهي ته 24 ڪلاڪن ۾ قاتلن کي گرفتار ڪري سگهجي ٿو. احتجاجي ڪيمپ ۾ فريد لاکو، اشوڪ شرما، نياز گهيو، وسيم خان، فاضل چنا، ارشاد چنا ۽ ٻين شرڪت ڪئي.

بقايا ❋❋❋ 21

۾ ڪئي وئي. آپريشن دوران دهشتگرد طرفان مزاحمت ڪئي وئي جنهن دوران فائرنگ جي ڏي وٺ ٿي جنهن ۾ غضنفر نديم ساٿين سميت مارجي ويو. مارجي ويل ٻين دهشتگردن جي سڃاڻپ ڪئي پئي وڃي. ترجمان موجب مارجي ويل اهم دهشتگرد غضنفر نديم مٿان 50 لک روپيه مقرر ڪئي وئي هئي. غضنفر نديم 2011 کان مفرور هو مختلف ادارا سندس ڳولا ۾ هئا. دهشتگرد غضنفر ڪيترين ئي دهشتگرد ڪاررواين جو ماسٽر مائينڊ پڻ هو. ڪارروائي جي دوران دهشتگردن جي ٺڪاڻي مان بارودي مواد، جديد هٿيار قبضي ۾ ورتو ويو آهي. سي ٽي ڊي ترجمان موجب غضنفر نديم عرف خالد حبيب مختلف نالن سان سڃاتو ويندو هو. دهشتگرد فيصل آباد ۾ آءِ ايس آءِ تي حملي سميت 11 وڏين ڪاررواين ۾ ملوث هو. دهشتگردن ڊيره اسماعيل خان ۾ آيگهاتي حملي سميت هڪ فرقيوارانه ٽارگيٽ ڪلنگ به ڪئي. ترجمان ٻڌايو ته غضنفر نديم جي مارجي وڃڻ سان دهشتگردي جا واقعا گهٽ ٿيڻ جو امڪان آهي. سي ٽي ڊي پنجاب محفوظ معاشري جي لاءِ هر ممڪن ڪوشش جاري رکندي.

بقايا ❋❋❋ 22

سواتي جي هڪ وڊيو پاڪستان تحريڪ انصاف جي سوشل ميڊيا پيج تي جاري ڪئي وئي آهي جنهن ۾ اعظم سواتي مانسهره مان قومي اسيمبلي جي تڪ ۾ نوازشريف جي مقابلي ۾ چونڊ وڙهڻ جي خواهش جو اظهار ڪري رهيو آهي. پي ٽي آءِ اڳواڻ اڳوڻي وزيراعظم تي ڪرپشن ۽ ملڪي دولت لٽي پرڏيهه ۾ ملڪيتون ٺاهڻ جا سنگين الزام لڳائيندي چيو آهي ته نوازشريف اين اي 15 مانسهره مان قومي اسيمبلي جي چونڊ وڙهڻ جي لاءِ نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا آهن. اعظم سواتي چيو ته جيڪڏهن منهنجي پارٽي مون کي ٽڪيٽ ڏني ته مان نوازشريف جو مقابلو ڪندس مون کي يقين آهي ته مانسهره جي عوام، ماڻهون، پيشرون ۽ پائر مون کي تحريڪ انصاف جي پليٽ فارم تان ڪترائي پنهنجو چٽو پيغام ڏيندا ياد رهي ته مسلم ليگ(ن) جي اڳواڻ ڪيپٽن (ر) صفدر اعوان مانسهره مان نوازشريف جا نامزدگي ڪاغذ حاصل ڪيا هئا ۽ ان جي باري ۾ سندس چوڻ هو ته انشاءالله مانسهره مان قومي اسيمبلي جون چونڊون کٽي چوٿون ڀيرو نوازشريف ملڪ جو وزيراعظم بڻجندو ۽ عوام جا مسئلا حل ڪندو. ٻئي طرف 9 مئي جي واقعن ۾ ملوث هجڻ ۽ عدالتن ۾ پيش نه ٿيڻ تي سينيٽر اعظم سواتي، مراد سعيد ۽ حماد اظهر سميت 18 پي ٽي آءِ اڳواڻن جا سڃاڻپ ڪارڊ بلاڪ ڪيا ويا آهن.

بقايا ❋❋❋ 23

پئي وڃي. ڪيميڪلز کڻي ويندڙ جهاز تي لائبيريا جو ڦڙڪي رهيو هو اهو حملو عربي سمنڊ ۾ ڀارت جي اولهندي رياست گجرات جي بندرگاهه ويراول جي ڏکڻ اولهه ۾ 200 ڪلوميٽر مفاصلي تي ڪيو ويو. برٽش ميرٽائيم سيڪيورٽي فرم ايمبري ٻڌايو ته ڊرون حملي سان لڳل باهه کي فوري طور تي وسايو ويو. ڪو به جاني نقصان ناهي ٿيو پر جهاز جي ڍانچي کي نقصان پهتو آهي. باهه وسائڻ لاءِ پاڻي فوري طور تي جهاز تائين پهچايو ويو. حملي کان اڳ ان جهاز جي آخري ڪال سعودي عرب لاءِ هئي. حملي جي وقت ان جي منزل ڀارت ئي هو. ڀارتي ڪوسٽ گارڊ شپ آءِ سي جي ايس وڪرم عربي سمنڊ ۾ پوربندر جي بندرگاهه کان 217 ناٽيڪل ميل پري هڪ مال بردار جهاز ايمر وي ڪيم پلوٽو ڏانهن وڌي رهيو هو. انهيءَ اطلاع ڏنو ته هڪ جهاز ۾ امڪاني طور تي ڊرون حملي سان باهه لڳي آهي.

بقايا ❋❋❋ 24

جاري آهي لاڙڪاڻي ۾ جي ڊي اي اڳواڻ ڊاڪٽر صفدر عباسي قومي تڪ اين اي 195 تي نامزدگي فارم جمع ڪرائي. جڏهن ته ڊاڪٽر صفدر عباسي صوبائي تڪن پي ايس 11 لاڙڪاڻو سٽي ۽ پي ايس 12 لاڙڪاڻو باقراڻي تي به نامزدگي فارم جمع ڪرائي. جڏهن ته جي ڊي اي جي سينيٽر سيف الله ابڙو قومي تڪ اين اي 195 تي پنهنجي ڀاءُ انجنيئر سميع الله ابڙو کي ميدان ۾ آڻي ڇڏيو سميع الله ابڙو ۽ سيف الله سان گڏ آر او آفيس پهچي نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا سانگهڙ جي قومي تڪ اين اي 210 تي اڳوڻي ايم اين اي روشن جوڻيجو پنهنجي پٽ علاءِ الدين جوڻيجو کي ميدان ۾ لاهي ڇڏيو علاءِ الدين جوڻيجو، ايم ڪيو ايم ۽ جماعت اسلامي جي اميدوارن به نامزدگي فارم جمع ڪرايا. نون ليگ سنڌ جي صدر بشير ميمڻ پاران متياري کانپوءِ سانگهڙ ضلعي جي صوبائي تڪ پي ايس 44 تي به نامزدگي فارم جمع ڪرايا ويا. بشير ميمڻ جي پٽ بهزاد ميمڻ آر او آفيس پهچي نامزدگي فارم جمع ڪرايا ڪنري جي صوبائي تڪ پي ايس 51 تي نون ليگ جي اڳواڻ امان الله ٽالپر نامزدگي فارم جمع ڪرايا. نون ليگ اڳواڻ ميڊيا سان ڳالهه ٻولهه دوران پنهنجي پارٽي ۽ جو منشور ۽ پنهنجو تڪ به وساري ويٺو

بقايا ❋❋❋ 25

جلال محمود شاهه ۽ زين شاهه کانپوءِ زين شاهه جي نياڻي پرهه ايمن شاهه به پارلياماني سياست ۾ اچي ويٺي پرهه ايمن شاهه عورتن لاءِ مخصوص ايم پي اي جي سيٽ لاءِ نامزدگي فارم جمع ڪرائي. جڏهن ذريعن موجب پرهه ايمن شاهه جو نالو جي ڊي اي جي عورتن جي مخصوص سيٽن واري ترجيحي لسٽ ۾ شامل آهي

بقايا ❋❋❋ 26

ڪيئن بڻائيندي. لاهور ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي ملڪ احمد خان چيو ته سڪرنڊ ڪيس تي سپريم ڪورٽ جو فيصلو شاندار آهي. ان ڳالهه کي درست ثابت ڪري ٿي هڪ درست ملڪ جي حڪومتي اهلڪارن تي الزام مڙهيا ويا ۽ اسٽيبلشمينٽ کي به ان ڪشمڪش واري معاملي ۾ چڪايو ويو هن چيو ته تحريڪ انصاف کي سيل ٿيل لفافي ۾ تمام گهڻي دلچسپي آهي. سيل ٿيل لفافي ۾ 190 ملين پائونڊ آهن يا اهي سيل ٿيل لفافي سان قومي اسيمبلي ٽوڙي ڇڏيو. قاسم سوري مهربند لفافو هٿ ڪيو. اليڪشن ڪميشن جي فيصلي تي ملڪ احمد خان چيو ته جڏهن سياسي پارٽي نااهل آهي ته اليڪشن ڪميشن ان کي نشانو ڪيئن بڻائيندي؟ اليڪشن ڪميشن توهان جي انٽرا پارٽي اليڪشن تي اعتراض ڪيو ڪميشن جي جائز سوالن جا جواب نه ڏنا ويا. ن ليگ اڳواڻ چيو ته 9 مئي سانحي جي باني پي ٽي آءِ جاني واڻي ڪيس ڇا اهي آئين ۽ قانون جي ڀڃڪڙي کي برابري جي ميدان ۾ آئيندا. جيڪڏهن ڪو ماڻهو اهڙو واقعو ڪري ٿو ته ان کي بغير ڪنهن فرق جي وڃڻ ڏيندا؟ جاچ مڪمل ڪري، 2018 ع ۾ ليول پلئنگ فيلڊ نه ملي ۽ 4 سالن تائين پارليامينٽ ۾ آواز اٿاريندو رهيو

بقايا ❋❋❋ 27

جي جسٽس ميان گل حسن اورنگزيب فيصلو جاري ڪيو. درخواستگذار طرفان وڪيل خليق الرحمان سيفي ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي. عدالت چيو آهي ته نومبر 2022 جي ايم ڊي ڪيٽ جو نتيجو نومبر 2024 تائين قابل قبول آهي. درخواستگذار لاٿيا رئوف نومبر 2022 ۾ ايم ڊي ڪيٽ پاس ڪيو. جڏهن ته درخواستگذار طرفان ايم ڊي ڪيٽ پاس ڪيو ويو ان وقت نتيجو 2 سالن لاءِ صحيح آهي. فيصلي ۾ چيو ويو آهي ته درخواستگذار پي ايم ڊي سي جي 14 جولاءِ 2023 جي پبلڪ نوٽيس کي چيلينج ڪيو اسلام آباد هاءِ ڪورٽ چيو ته 2021 جي ضابطن موجب نومبر 2022 جي ايم ڊي سي اي ٽي جا نتيجا 2 سالن لاءِ صحيح آهن. بعد ۾ انتظامي فيصلي ذريعي درخواستگذار کان اهو حق واپس نه ٿو وٺي سگهجي. فيصلي ۾ عدالت چيو ته درخواستگذار جي ايم ڊي ڪيٽ جو نتيجو نومبر 2022 کان نومبر 2024 تائين صحيح هوندو. درخواستگذار جي ڪيس ۾ ٿيندڙ خرچ به پي ايم ڊي سي ادا ڪندي

بقايا ❋❋❋ 28

چين پاڪستان کي ڪنوڻ جو اڳواٽ اطلاع ڏيڻ جا ڊيٽيڪٽرز تحفي ۾ ڏنا هئا. موسميات کاتي موجب ڪراچي ۾ لڳندڙ لائٽننگ ڊيٽيڪٽرز هڪ ئي وقت لانگ ۽ شارٽ رينج رکندڙ هوندو. 25 لائٽننگ ڊيٽيڪٽرز چين طرفان تحفي ۾ ڏنا ويا آهن. چين جي انسٽيٽيوٽ آف اليڪٽريڪل انجنيئرنگ چائنيز اڪيڊمي آف سائنسز اوزار کي تيار ڪيو آهي. پاڪستان ۾ ان کان اڳ ڪنوڻ ڪرڻ جو اطلاع ڏيڻ جو جديد نظام موجود نه هو. لائٽننگ ڊيٽيڪٽرز 100 مربع ڪلوميٽر ۾ ڪنوڻ ڪِرڻ جو اڳواٽ اطلاع ڏئي سگهي ٿو. موسميات کاتي جو وڌيڪ چوڻ آهي ته برسات جي سسٽم جي گجگوڙ دوران ڪنوڻ جڙڻ جي شدت جو اندازو لڳائي سگهبو. لڳل اوزار ذريعي ڪنوڻ ڪِرڻ جي واقعن جي ڊيٽا گڏ ڪئي ويندي ۽ مستقبل ۾ اها ڊيٽا غير معمولي موسمياتي حالتن ۾ مددگار ثابت ٿيندي. موسميات کاتي موجب موسمياتي تبديلي سبب ٿيندڙ غير معمولي سرگرمين ۾ ڪنوڻ ڪرڻ جا واقعا به شامل آهن. تيز برسات دوران ماضي ۾ ۽ تازن ڏينهن ۾ ٿرپارڪر ۾ ڪنوڻ ڪرڻ جا ڪيترائي واقعا پيش اچي چڪا آهن

بقايا ❋❋❋ 29

منعقد ڪري شيخ اياز جي شاعري، زندگي ۽ فڪر سميت مختلف موضوعن تي روشني وڌي پئي وڃي. حيدرآباد جي خاڪ بدوش ڪيفي ۾ سنڌ جي مهان ڪوي شيخ اياز جي ياد ۾ پنجن ڏينهن وارو ٺاٺون شيخ اياز ميلو جاري آهي. جنهن ۾ سنڌ سميت سڄي ملڪ جي شاعرن، اديبن، محققن توڙي لکيڪن شرڪت ڪئي آهي شيخ اياز ميلي دوران شيخ اياز جي شاعري، زندگي فڪر سميت سنڌ توڙي ملڪ سان لاڳاپيل مختلف موضوعن تي مقرر روشني وجهي رهيا آهن. شيخ اياز ميلي ۾ نوجوانن، نارين سميت زندگي جي مختلف شعبن سان لاڳاپيل شخصيتون شريڪ ٿيون آهن. جڏهن ته ٽئين ڏينهن تي آل پاڪستان مشاعري، اياز جي شاعري ۾ سنڌ ۽ فلسطين جو استعارو واري سيشنز ڪانپوءِ راڳ رنگ جي محفل پڻ منعقد ڪئي ويندي. سنڌ جي نالي واري فنڪاره ديبا سحر، سيف سميجو، برڪت فقير ۽ ٻيا سر ورڪيندا

بقايا ❋❋❋ 30

۽ گيس جا ڪنيڪشن ڏيڻ بابت درخواست تي ٻڌڻي ٿي. جنهن ۾ عدالت ڪاوڙ جو اظهار ڪندي چيو ته ڪٿي آهن ڪي اليڪٽرڪ، سوئي گيس ۽ واٽر ڪارپوريشن جا سي اي اوز؟ جنهن تي ڪي اليڪٽرڪ جي وڪيل چيو ته مونس علوي گذريل ڏينهن عمرو ادا ڪرڻ لاءِ سعودي عرب روانو ٿي ويو آهي. گهرن جي تعمير وقت عارضي ڪنيڪشن ڏنو ويندو آهي جيڪو هڪ سال تائين رهندو آهي. ڪي اليڪٽرڪ جي وڪيل وڌيڪ چيو ته اسان ڪارروائي ڪرڻ لاءِ ويندا آهيون ته لياري جهڙن علائقن ۾ اسان مٿان حملا ڪيا وڃن ٿا هاڻ ڪنهن به عمارت کي بلڊنگ پلان جي منظوري کان سواءِ ڪنيڪشن نه ڏنو ويندو. ٻڌڻي دوران سي اي او واٽر ڪارپوريشن صلاح الدين احمد عدالت کان معافي گهرندي چيو ته آئنده اڻين نه ٿيندو ڪنهن به غيرقانوني عمارت کي ڪنيڪشن نه ڏنو ويندو. عدالت ۾ ايس بي سي اي جي وڪيل پنهنجي موقف ۾ چيو ته اگره تاج ڪالوني ۾ 9 ماڙ غيرقانوني عمارت تعمير ڪندڙ بلڊر جي خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. جسٽس نديم اختر سوئي گيس واٽر ڪارپوريشن جي سي اي اوز جو لکت ۾ بيان جمع ڪرائڻ جو حڪم ڏيندي چيو ته آئنده ڪنهن به عمارت کي منظور ٿيل بلڊنگ پلان کان سواءِ ڪنيڪشن نه ڏنو ويندو. عدالت سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي کي اگره تاج ڪالوني ۾ غيرقانوني طور تي تعمير ڪيل 9 ماڙ عمارت 6 هفتن ۾ ڪيرائڻ جي مهلت ڏيندي ٻڌڻي فيبروري جي پهرين هفتي تائين ملتوي ڪري ڇڏي جڏهن ته عدالتي حڪم تي مڪمل ۽ فوري طور تي عمل ڪرڻ جو حڪم ڏنو

بقايا ❋❋❋ 31

ڪچي جي داخلي ۽ خارجي رستن کي بلاڪ ڪيو ويو آهي. ايس ايس پي موجب پوليس ۽ ڌاڙيلن وچ ۾ مختلف هنڌن تي فائرنگ جو سلسلو جاري آهي. پوليس جوابدارن جي ڪيترن ئي ٺڪاڻن کي نشانو بڻايو آهي. پوليس موجب سمورن يرغمالين جي بازيابي تائين آپريشن جاري رهندو.

بقايا ❋❋❋ 32

۾ ڪئي وئي. آپريشن دوران دهشتگرد طرفان مزاحمت ڪئي وئي جنهن دوران فائرنگ جي ڏي وٺ ٿي جنهن ۾ غضنفر نديم ساٿين سميت مارجي ويو. مارجي ويل ٻين دهشتگردن جي سڃاڻپ ڪئي پئي وڃي. ترجمان موجب مارجي ويل اهم دهشتگرد غضنفر نديم مٿان 50 لک روپيه مقرر ڪئي وئي هئي. غضنفر نديم 2011 کان مفرور هو مختلف ادارا سندس ڳولا ۾ هئا. دهشتگرد غضنفر ڪيترين ئي دهشتگرد ڪاررواين جو ماسٽر مائينڊ پڻ هو. ڪارروائي جي دوران دهشتگردن جي ٺڪاڻي مان بارودي مواد، جديد هٿيار قبضي ۾ ورتو ويو آهي. سي ٽي ڊي ترجمان موجب غضنفر نديم عرف خالد حبيب مختلف نالن سان سڃاتو ويندو هو. دهشتگرد فيصل آباد ۾ آءِ ايس آءِ تي حملي سميت 11 وڏين ڪاررواين ۾ ملوث هو. دهشتگردن ڊيره اسماعيل خان ۾ آيگهاتي حملي سميت هڪ فرقيوارانه ٽارگيٽ ڪلنگ به ڪئي. ترجمان ٻڌايو ته غضنفر نديم جي مارجي وڃڻ سان دهشتگردي جا واقعا گهٽ ٿيڻ جو امڪان آهي. سي ٽي ڊي پنجاب محفوظ معاشري جي لاءِ هر ممڪن ڪوشش جاري رکندي.

بقايا ❋❋❋ 33

ڏنو ويو ته هڪ ملڪ اوهان جي خلاف آهي. هن چيو ته لاش رکي پاڪستان کپي جو نعرو لڳائيندڙ ئي وڏا سياستدان آهن. بلاول ڀٽو زرداري پنهنجي امڙ جي شهادت تي "جمهوريت بهترين انتقام آهي" جو نعرو هنيو هو سندس چوڻ هو پ پ چاهي ٿي ته سڀني لاءِ ليول پليئنگ فيلڊ هجي. پ پ جو انتخابي نشان تلوار هو ڦريو ويو ته اسان جي پارٽي تير جي نشان تي چونڊن ۾ حصو ورتو هو. جيڪڏهن پي ٽي آءِ وارا سمجهن ٿا اهي بيقصور آهن ته عدالت وڃي ثابت ڪن ته هي بيقصور آهن.

بقايا سنڌيار 01

اسلامي ايم ڪيو ايم پاڪستان ٻين پارٽين سميت آزاد اميدوارن طرفان نامزدگي فارم جمع ڪرايا ويا. خبرموجب ڪراچي ٿيندڙ جنرل اليڪشن جي ضلعي اوير جي ڇهن قومي تڪن ۽ نو صوبائي تڪن تي مختلف پارٽين جي اميدوارن طرفان نامزدگي فارم جمع ڪرائڻ وارو سلسلو جاري آهي اليڪشن ڪمشنر آفيس ۾ مختلف پارٽين جي اميدوارن طرفان فارم جمع ڪرائڻ وقت ڪارڪنن جي وڏي قافلن سان گڏجي فارم جمع ڪرائڻ لڳا ان سلسلي ۾ چاڻ موجب ڪراچي ضلعي اوير جي ڇهن قومي تڪن جنهن ۾ اين اي 235 تي مختلف پارٽين ۽ آزاد اميدوارن 18 ڇڻن طرفان نامزدگي فارم جمع ڪرايا ويا اين اي 236 تي 21 جڏهن ته اين اي 237 تي 14 ڇڻن اين اي 238 تي 12 اميدوارن طرفان نامزدگي فارم جمع ڪرايا آهن ته ضلعي اوير جي نوصوبائي تڪن جنهن ۾ پي ايس 97 تي 38 اميدوارن طرفان نامزدگي فارم جمع ڪرايا آهن پي ايس 98 تي 22 ڇڻن پي ايس 99 تي 20 جڏهن ته پي ايس 100 تي 12 پي ايس 101 تي 10 جڏهن ته پي ايس 102 تي 12 پي ايس 103 تي 14 اميدوارن پي ايس 104 تي 11 پي ايس 105 تي 12 اميدوارن طرفان نامزدگي فارم جمع ڪرايا ويا آهن هوڏانهن اوير ضلعي جي قومي تڪ اين اي 235 تي پ پ جي اقبال ساند حاڪم جسڪاڻي ن ليگ جي ڪريم بخش گبول پي ٽي آء جي سيف الرحمان جماعت اسلامي جي معراج الهدي' صديقي يونس پارائي سميت ايم ڪيو ايم پاڪستان سميت آزاد اميدوارن طرفان نامزدگي فارم جمع ڪرايا آهن جڏهن ته صوبائي تڪ پي ايس 98 تي پ پ جي منورعلي وساڻ محبوب عباسي حاڪم جسڪاڻي مولا بخش چند تاج محمد وساڻ بادشاهه چانڊيو بشير خاصخيلي جماعت اسلامي جي حماد الله پنهور پي ٽي آء جي رحمان ڏنو مهيسر ن ليگ جي ڪريم بخش گبول ايم ڪيو ايم پاڪستان جي فيصل سبزواري سميت ٻين مختلف پارٽين ۽ آزاد اميدوارن طرفان نامزدگي فارم جمع ڪرايا ويا آهن. جنهن ۾ اين اي 235 اين اي 236 اين 237 اين اي 238 تي مختلف پارٽين جنهن پاڪستان پيپلز پارٽي جماعت اسلامي ن ليگ پي ٽي آء جي يو آء جي ڊي اقليتي سميت آزاد اميدوارن طرفان 94 اميدوارن طرفان فارم جمع ڪرايا ويا آهن جڏهن ضلعي اوير جي 9 صوبائي تڪن تي پڻ 191 کان وڌيڪ اميدوارن طرفان نامزدگي فارم جمع ڪرايا ويا آهن جڏهن فارم جمع ڪرائڻ وارو سلسلو هلندڙ آهي

بقايا سنڌيار 02

201 تي مولانا محمد صالح انڊڙ. مير مبين خان بلو جمع ڪرايا پي ايس 22 پنوعاقل تي علم الدين خان بلو ذڪريا خان بلو مبين خان بلو مولانا محمد صالح انڊڙ. مولانا غلام هاليجوي نامزدگي فارم جمع ڪرايا پي ايس 24 سٽي سکر مفتي سعود افضل هاليجوي مولانا عبدالحميد مهر ۽ پي ايس 25تي مير مهر ۽ ايڊووڪيٽ سڪندر علي جوڻيجو ۽ نامزدگي فارم جمع ڪراياهوڏاهن پي ٽي آء اميدوارن ڊاڪٽر ربنواز ڪلوڙ. حاجي وزير علي پتافي، سني تحريڪ جي اميدوار حافظ محبوب سهتو. ايم ڪيو ايم اميدوارن محمد سليم ملڪ. سعيد قريشي. نسيم هاشمي. ايوب عباسي سميت آزاد اميدوار سماجي اڳواڻ ميڊم شاعستا ڪوسو ۽ ٻين مختلف تڪن تي نامزدگي فارم جمع ڪرايا

بقايا سنڌيار 03

پريس ڪلب جي سينيئر نائب صدر لاءِ شهزاد نابائي. نائب صدر سحرش ڪوڪر. جنرل سيڪريٽري جي عهدي لاءِ شوڪت نوناري. شهزاد نابائي. خزانچي لالا شهباز خان پٺاڻ. جوائنٽ سيڪريٽري جميل مغل. جوائنٽ سيڪريٽري انس گهانگهرو. پريس سيڪريٽري ڪامران شيخ. آفيس سيڪريٽري لاءِ علي ڪوسو نامزد ڪيو ويو آهي. سکر جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي ميمبرن لاءِ لالا اسد پٺاڻ. چوڌري محمد ارشاد گوندل. نصرالله وسير. جاويد جتوئي. زمان باجوا. جلال الدين پيو. فرقان ڪوسو. صلاح الدين قريشي. سجاد شاهه. سليم سهتو. جميل سومرو. وسيم شمسي. رياض راجپوت. حسيب شيخ. وقاص آرائين اميدوار هوندا. پريس ڪلب ۽ صحافي حلقن نامزدگين کي پليڪار ڪندي اطمينان جو اظهار ڪيو آهي.

بقايا سنڌيار 04

قومي اسيمبلي جي ٻن تڪن اين اي 222 جيڪو ماتلي ٽلهار ۽ ٽنڊو باگو تعلقي جي ڪجھ علائقن تي ٻڌل آهي تان پ پ جي اڳوڻي ايم اين اي مير غلام علي خان ٽالپر جي ڊي اي جي منصورعلي خان نظاماڻي جماعت اسلامي جي عورت اميدوار صفيا خانم ٽيپو سميت پنجن اميدوارن رٽرننگ آفيسر وٽ فارم جمع ڪرايا آهن جڏهن ته ماتلي پي ايس 68 تي پ پ جي ڏا ڏا محمد هاليپوٽو ۽ جماعت اسلامي جي علي اڪبر جوڻيجو تحريڪ انصاف جي عبدالمقيت نظاماڻي پنهنجا نامينيشن فارم رٽرنگ آفيسر وٽ جمع ڪرايا آهن ٻئي طرف بديب گولاڙجي ٽنڊو باگو تعلقن تي مشتمل قومي اسيمبلي جي حلقي اي اي 223 تان پ پ جي اڳوڻي صوبائي صلاحڪار سردار حاجي رسول بخش چانڊيو حاجي محمد نواز چانڊيو سردار شاهنواز جمالي تحريڪ انصاف جي ضلعي صدر ۽ اڳوڻي ضلعي نائب ناظم عزيز الله ڏيرو جماعت اسلامي جي محمد موسي ملاح جي يو آئي ف جي مولوي فتح محمد مهيري سميت اٺن اميدوارن نامينيشن فارم جمع ڪرايا آهن جڏهن ته بدين صوبائي حلقي پي ايس 71 تي پ پ جي اڳوڻي ايم پي اي حاجي تاج محمد ملاح پير وقار حسين جيلاني عبدارحمان ڪتي عبدالغفور نظاماڻي سينٽر ڊاڪٽر خالدا سڪندر ميندهرو فدا حسين ميندهرو پ پ ناراض گروپ جي سردار ڪمال خان چانگ ڊاڪٽر عزيز ميمڻ جماعت اسلامي جي الهجاير هاليپوٽو تحريڪ انصاف جي خليفا اشفاق احمد ميمڻ ۽ سردار انور ملاح آزاد اميدوار فارم جمع ڪرايا آهن

بقايا سنڌيار 05

